نصير سومرو

# جل تي ڪنول جيئن



مهاڳ تان ڪنيل

شاعري دل جي ڪيفيت

جو عڪس آهي، عڪس به اهڙو، جيئن ساوڻ جي ڀني خوشبوءِ ۾ مهلا پنهنجي ور کي ياد ڪري آرس ڀڃندي آهي.

..............

آرٽ احساس جو سينگاريل

۽ سنواريل روپ آهي. ناٽڪ ۾ فنڪار اثر ۽ جاذبيت پيدا ڪرڻ لاءِ ميڪ اپ ۽ ڊائريڪشن جو سهارو وٺي ٿو. شاعري ۾ احساس ۽ جذبن جي سينگار ۽ سنوار، اثر ۽ جاذبيت جون هدايتون "من" ڏيئي ٿو.

..............

شاعري زندگي آهي. زندگي

عشق آهي. عشق ۾ انسان جا هيٺا هٺ ڀهاڙن جا راڳا لاهي ڇڏين ٿا. عشق ۾ اڻ تارو شخص پڻ درياءَ پار ڪري وڃي ٿو. محبت ۾ ماڻهو سمنڊ اندر مڇ کي مات ڏئي اچي ٿو. عشق من جي دنيا آهي، سرت آهي. سگهه آهي، ساڃاهه آهي. عشق ۾ انسان ٻيو جنم وٺي ٿو. هو عام کان الڳ ٿي وڃي ٿو. پر زندگي کان الڳ نه ٿو ٿئي.

..............

عشق جا ڪيترائي نالا

آهن. عشق محبت آهي، سِڪ آهي، اُڪير آهي. سڪ جو دائرو فقط ڪنهن انسان تائين محدود نه آهي. ساٿيهه سان به عشق ٿئي ٿو. مارن جي سڪ ۽ انهن سان لاڳاپيل هر شيءِ انهن جي خوابن، سپنن، احساس ۽ جذبن سان به محبت ٿئي ٿي. عشق محبوب جي خواهش جو احترام ڪرڻ سيکاري ٿو. محبوب پنهنجائپ جو نالو آهي. پنهنجائپ ۽ اوپرائپ گڏوگڏ رهي نه ٿيون سگهن. جيئن محبوب پنهنجو لڳي ٿو، تيئن سندس هر شيءِ پنهنجي لڳي ٿي. مان سڄڻ ۽ ساٿيهه سان محبت ڪريان ٿو. ٻولي، ثقافت، تهذيب ۽ تاريخ سان محبت ڪريان ٿو. سنڌو درياهه ساٿيهه جي وجود ۽ ان جي سيپتا جي علامت آهي. منهنجين رڳن ۾ سنڌو جي تج آهي.

..............

سترهين صدي ۾ يورپي

ٻولين ۾ فڪشن لٽريچر کي وسعت ملي، فڪشن/افسانه نويسي حقيقت کان هٽيل، من گهڙت پر خوبصورت ادب آهي. شاعري هجي يا نثر، عالمي ادب جون رومانوي لکڻيون، فينتاسٽڪ آهن. فينتيسي سان ڀريل آهن. فينتيسي ۾ ليکڪ اجنبي دنيا جو سير ڪرائي ٿو. ڊڪشنري ۾ اصطلاع (Strange as romance) پڻ لفظ رومانس مان جڙيو آهي. گوئٽي جي نظر ۾ رومانس هڪ بيماري آهي، عذر آهي، جڏهن ته ڪلاسيڪيت صحت آهي.

سيني رومانين ۾ چاهي اهي

فرانس، انگلينڊ، وچ اوڀر توڙي اٽلي ۽ لاطيني ملڪن ۽ يونان جا شاعر، اديب ۽ آرٽسٽ هجن، هڪ شيءِ مشترڪ آهي: سرمائيداري کان نفرت!

..............

ادب جي گلدستي کي سيني گلن جي ضرورت آهي، ائين ٿي نه ٿو سگهي ته گلاب آهي ته موتيو جا لاءِ، موتيو آهي ته گلاب جا لاءِ.

# جل تي كنول جيئن

عمر کھڙو ڪجي ليکو
تہ پاڇيءَ ۾ ٻُڙي آئي

# جَلَ تي ڪَنولَ جِيئَنِ

شاعري

نصير سومرو

بلال پبليڪيشن
سنڌ ادبي اڪيڊمي
هنگورجا / ڪراچي
2008ع

هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا مصنف وٽ محفوظ آهن

(28 )

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو | جل تي ڪنول جيئن |
| موضوع | شاعري |
| شاعر | نصير سومرو |
| ڇپائيندڙ | بلال پبليڪيشن<br>سنڌ ادبي اڪيڊمي<br>هنگورجا / ڪراچي |
| ڇاپيندڙ | ايجوڪيشنل پريس |
| ڇاپو پهريون | 2008 |
| پاران | ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو. |

**ملهه : 200.00**

Jal tey kanwal jein, a book of poetry in sindhi ( cd also)

By Naseer Soomro. For your copy email : esaakhi@gmail.com

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ارپنا

هيءَ پورهيو
بابا سائين الله بخش عرف لونگ سومرو
امڙ هاجره
سس سڳوري نورجهان
جيون ساٿي عاليه
نياڻي انعم
پٽ بلال ۽ دانيال
آغا نور محمد پٺاڻ
نثار احمد ساريو
اسحاق انصاري
امان الله جماڻي
فياض جوکيو
نورالدين سرڪي
عمرالدين بيدار
۽ ٻين کي ارپيان ٿو
جن جو ساٿ ۽ سنگت
۽ سنيارون مون لاءِ سفر جو سونهون آهن.

# مصنف جو سوانحي خاڪو

ڄمڻ جي تاريخ: مارچ 28، سن 1964 ع

ڄمڻ جو هنڌ: هنگورجا/ خيرپور ميرس، سنڌ

تعليم:

- پرائمري ۽ مئٽرڪ: هنگورجا
- انٽر( پري انجنيئرنگ) : گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ڪنڊيارو
- ميٽلرجيڪل انجنيئرنگ ۾ گريجوئيشن: مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو- حيدرآباد
- اديب ( اورنٽل لينگوجز ) : سڏو جا- مورو
- آرٽس ۾ گريجوئيشن: سنڌ يونيورسٽي

اسٽيل مل ۾ نوڪري: 1990 ع کان 2000 ع تائين

(علاوه هڪ سال اِن- پلانٽ ٽريننگ)

شاعري جي پِڙ: بظاهر ڪاليج جي زماني کان، هوَنئن لاڙو ننڍ پڻ کان

ڪرت: صحافت، ٽرانسليشن، ايڊٽنگ، پروفنگ، مضمون نويسي

۽ شعر و شاعري وغيره (خاص طور اشتهارن جو ترجمو)

مستقل رهائش: ڪراچي ۾ ٻارن ٻچن سان گڏ

سڀ کان اهم شيء: آزادي

ملڪيت:

**ايــڏي ڏرتــيءَ هــونــدي نصــيــر**

**پــوءِ بــہ پــنــيءَ جــو پــارو ڪــونــهــي**

زندگيءَ جي حاصلات: اولاد ۽ لکيل ڪتاب

سيڙپ: اولاد جي تعليم ۽ تربيت

پتو: لامڪان (پنهنجو گهر نہ آهي)

قسمت: سياڳو آهيان

**آس: آخري ساهہ (پساهہ) پُرامن ۽ خوشيءَ پريو ڪٽان**

پسند جو رنگ: روشنيءَ جا ست رنگ ۽ اٺون رنگ ابديت جو پڙ

پيغام: ڏاهپ جا هي سونهري لفظ

"When you are in light, everything will follow you. But when you enter dark, even your own shadow will not follow you"

(توهان جڏهن روشنيءَ ۾ آهيو تہ هر شيءِ توهان سان گڏوگڏ هلي ٿي، پر جڏهن توهان انڌيري ۾ داخل ٿيو ٿا تہ توهان جو پنهنجو پاڇو بہ ساٿ ڇڏي وڃي ٿو).

# وچـــور

شاعري


•غزل 21
•وايون 39
•نظم 57
•هائيڪا 67
•چؤستا 77
•متفرق 95

- شاعر طرفان مهاڳ 157

- تاثرات ۽ رايا
• ممتاز مهر 182
• آفاق صديقي 185
• تاجل بيوس 189
• عاشق حسين 194
• اسحاق انصاري 202
• نويد سنديلو 205

# غزلن جو آرنڀُ


ڊگهو پنڌ پيدل مسافر ڏسو 23
دل ڌر جو داستان سو داستان 24
عالم جا ابهام  ڪنياسون 25
زندگي جو ڪل فسانو خواب ڪو 26
آسمان تان لٿا آهيون 27
سُونهن ۾ سرشار ماڻهو 29
اڃان مَسَ پختگي آئي 30
يادن جو ڏڻ ڏارڻ ڏي 31
هر شيءِ ساڳيءِ ريت اڃان 32
ڪٿي آهين پنهنجي هجڻ جي خبر ڪر 33
ڪٿي خواب ڪوڙا ڪٿي ساييائون 34
اڪيلا هئاسين، اڪيلا اڃان 35
نديءَ ۾ نديءَ ڪنهن خوشيءَ ڪي سلام چئو 36
اڳي ڪجهه هو. نه ڪجهه آهيان 37

# واين جو آرنيُ


آدم مان انسانُ ميان! آزادي ايمانْ 41
جيڏانهن وڃي جڳ، منهنجو پنڌ پريتم 42
وِيچارن جا وارَ ساڳوٺا سنسار ۾ 43
وندَ ٻُڙيءَ وهنوارَ يار! پاڇيءَ ۾ پڇتاءَ 44
اوجهل ڇو انسان ڪان، پاڇولا پولار ۾ 45
اکڙين اڃان ايءَ اڇئو وڃئو جيئڙو 46
سڌ پڙاڏو آهيان پاڻ، حد ۽ لاحد هيڪڙي 47
چنڊ! ڪرڪا خبر، ڇا ڏئي ڇا ٻڌءِ رات جي رڄ اندر 48
پل پل پُور- پڇارَ، لڙڪن لارون لارَ 49
ڪاميابيون ڪن ڪٿَ، پرک پار اپار جي 50
سُرها سيئَن وارَ ٻئي جنم جا ٻول 51
جيون جَرُ اڃهاڳ، جيون جَرُ اڃهاڳ 52
اڳيان يَوَ ينڌارَ آءُ اڪيلو اوپرو 53
امل انسان مان آهيان، اجهل امڪان مان آهيان 54
پنوهاريون پهرينِ، لوئيون لڇڙيون 55
هينئڙو هُوند ٺري، الا! هينئڙو هُوند ٺري 56

# نظمن جو آرنڀُ


| | |
|---|---|
| ڪنڪ داڻو | 59 |
| ڪٿي آهين جانان | 60 |
| چيٽ جي ساون وڻن جي ڇانوَ ۾ | 62 |
| دوِست | 64 |
| تاج محل | 65 |

# هائيڪن جو آرنيُ


| | |
|---|---|
| ڏيرج، تورو ٽل! | 69 |
| مئي ۾ هزار سَت | 69 |
| اوندهہ ۾ آڪاسَ | 70 |
| ڪاهي پيڙو آ | 70 |
| سمنڊ! تنهنجي سَگهہَ | 70 |
| پوکيندي سڀ پال | 71 |
| آڪيرو اجڙيو | 71 |
| ڏيئن ڏڻ وڏو ٿئي | 71 |
| جڳ ۾ جئنداسين | 72 |
| ڦلجڻ جا ڦُنڪا | 72 |
| وڏ ڦڙا وِسندا | 72 |
| ڏُرت ڏُڪار ڏري | 72 |
| ڪونئلا ٿا پچن | 73 |
| آئي وهہ وتيون | 73 |
| چوڏهينءَ جو چنڊ | 74 |
| آئيني ۾ ڏس | 74 |
| تنها ميلي ۾ | 74 |
| اٹڪٹ آساني | 75 |
| ڪيت ڪيڙيوسين | 75 |
| جيڪر محبت آ | 75 |
| وياڪُل وياڪَل سان | 76 |

# چوسٽن جو آرنيُ


امن جي زمين 79

رهبر جاڳي قوم بہ جاڳي 79

لاڙڪاڻي ۾ گهر کي باهہ 80

حقيقت 80

اليڪشن 2007ع جو پڌرنامو 81

جگنو 81

سورهن آنا سچ سدائين؟ 82

وڏي ناڻو محنت جي آڌار تي 82

ذميوار ڪير؟ 83

پيٽ جو مسئلو 83

پنڇي 84

جستجو 84

بجيٽ 85

پورهئي جو ملهہ 85

| | |
|---|---|
| انسان جي پوگنا | 86 |
| وڏيرن جي تجارت | 86 |
| ڪنن ۾ ڪيھ | 87 |
| تدبير ساڳي، تقدير ساڳي | 87 |
| سنڌڙي انب | 88 |
| سونهن | 88 |
| آسمان ڏي نهارون | 89 |
| اويلا اويلا | 89 |
| بلوچستان جا مِينهن ستيل | 90 |
| زندگي جي ريل | 90 |
| ٻک پيانڪ قيامت آ | 91 |
| انهيءَ ڪان اڳي | 91 |
| پڇي پؤ اچوڪو | 92 |
| منهنجي سنڌ | 92 |
| دانائي | 93 |
| خواب ڪلي پيا | 93 |
| گرمي | 94 |
| لوڊ شيڊنگ | 94 |

# متفرق (رچنائن جو) آرٽيڪل


| | |
|---|---|
| شهري تهذيب | 97 |
| شيون | 98 |
| نئين تهي | 99 |
| تعلق | 99 |
| منافقي | 100 |
| جواب | 100 |
| سنڌ سان عشق | 101 |
| ڪهاڻي | 102 |
| مهلائون | 101 |
| قول | 102 |
| ضابطو | 103 |
| نورالدين سرڪي | 103 |
| دنيا | 104 |
| ڪائنات جو پنور | 105 |
| نتشي جو قول | 106 |
| سڪون ۽ قرار | 104 |

| | |
|---|---|
| ڏاهپ | 106 |
| هڪ شاعر | 107 |
| گيسٽ هائوس | 107 |
| ٽريجڊي | 105 |
| سفيد رنگ | 108 |
| سچار | 109 |
| هڪڙو چهرو | 109 |
| ثقافت | 110 |
| قصور | 110 |
| حيراني | 114 |
| نثار احمد ساريو | 111 |
| اردو شاعري | 112 |
| نصيحت | 113 |
| قيامت جي گهڙي | 115 |
| پَرون | 115 |
| ڦندو | 116 |
| آڏي پچا | 117 |
| سلام | 116 |
| روشني | 117 |
| گهرائي ۾ سوچڻ | 118 |
| متي | |
| چانوَ جو ٻوٽو | |

ارسطو جو قول 118
پيداوار 119
قول 120
عمرالدين بيدار 120
اصل هوندو 121
ڌن 119
جنم ڏينهن 122
قلندر 123
سڪ 121
سڪڻ جو عمل 124
سنڌو سيتا 124
Tychism 122
تجربا 125
انسان دوستي 125

ساٿويا 127
ڀاٽ ڪاري 127
ديوتا ناهيان 128
اڏمرڪ 129
ڙڏ 129

ڪهڙو لڳو واءُ 131

| | |
|---|---|
| افسوس چو | 131 |
| آمريڪا جو صدارتي اميدوار | 131 |
| پاڻي | 133 |
| زال ٻه ........ | 133 |
| نئون ضابطو | 134 |
| ڊسمبر 27، 2007ع | 134 |
| شان | 135 |
| مُونجهارو | 136 |
| گهر | 136 |
| حل | 137 |
| مسئلو | 137 |
| آئون | 138 |
| پاڳ پلا | 139 |
| ٽيڪس فري | 140 |
| "ڻ" اکر | 141 |
| پاڪائي | 138 |
| فلسفو | 142 |
| ڏوئي | 141 |
| گڏيل شيون | 143 |
| ٻولي | 139 |
| لچڻ | 144 |

| | |
|---|---|
| تاجن جو تذڪرو | 145 |
| هڪ دفعو | 146 |
| محبت | 148 |
| سنڌڙي | 140 |
| حسن | 150 |
| گيان سَرُ | 152 |
| قول | 143 |
| شاعر آهيان | 154 |
| مزاح | 156 |
| انسانيت | 149 |
| خودڪشي | 144 |
| خوشي | 152 |
| هن پُڇيو | 153 |
| سُستي | 156 |
| جاڙي يت | 98 |
| ناڪارگي | 155 |
| ياونائون | 156 |
| پيءُ جو وچوڙو | 130 |

# غـــــزل

سادا سادا خواب ایڈا
چڻ سدائین یار ماڻھو

ڏکـھـو پـنـڌ، پـيـدل، مسـافـر ڏسـو
نہ ساھي پـٽـي پـل، مسـافـر ڏسـو

ٻُـڌو ٻـارَ مـيـلـن ۾ گـم تـي وڃـن
ھـي تـنـھـا وڃـايـل، مسـافـر ڏسـو

ائـيـن کـيـر شـايـد! ھـجـي جُـوءِ ۾
سـيـاڻـو، نہ پـاڳـل، مسـافـر ڏسـو

رھـي لـوڪ، پـرلـوڪ مـان آئـيـو
سو جـاتـل، سـڃـاتـل، مسـافـر ڏسـو

تـڏا ويـڙھـي ويـنـو، تـڪـڙ ۾ نـصـيـر
ڪـيـائـون چـا حـاصـل، مسـافـر ڏسـو

دل دهر جو داستان سو داستان
اڻ ٻڌو ۽ بي بيان سو بي بيان

خواب آهن خواب ئي جهڙا ڏسون
اڄ سيان جي درميان سو درميان

عشق کي اکڙين جُهڪي سجدو ڪيو
پر انا جو آسمان سو آسمان

دور جهڙو دوستو تهڙو اثر
تي ويو جو بدگمان سو بدگمان

پنهنجي هستيءَ جو گمان ايڏو بہ چو
مان ئي سيڪجهہ آهيان سو آهيان

تر جي واري سا بہ ثانيڪي نصير
پاڻ ليڪن لامڪان سو لامڪان

عالَمَ جا ابهامَ کنياسون
طرحين طرحين نامَ کنياسون

دير وجي ٿي يار متان! ڪا
اوندهہ ۾ اقدامَ کنياسون

ٻئي کي ڪهڙو رنج رسايون
قلبين ڪُل ڪهرامَ کنياسون

هڪڙي رب جو روڳ چڱو هو
اربابين آلامَ کنياسون

محبت جا ماتام نصير
ساڳيا صبح ۽ شامَ کنياسون

زندگي جو ڪل فسانو خواب ڪو
۽ زمانن ڪان زمانو خواب ڪو

فهم فتوائون ڏنيون پر بي اثر
دل جي دنيا جو ديوانو خواب ڪو

راج رومڙ رونپ جي رانيات ۾
جڪ جڏي جي آنو ٻيانو خواب ڪو

جسم جا عضوا جتي مشڪل ملن
ياگ ۾ ڪوڏر ۽ ڪانو. خواب ڪو

ٻن گزن جو گهر اباڻي پار ڏي
سايان سيني سهانو خواب ڪو

سچ سدائين سوجهرو سچ جو ڪٿي؟
ڪوڙ اوندهہ جو ٻهانو خواب ڪو!

شاعري جي دشمنن جي راءِ ۾
پيار جون ڳالهيون زنانو خواب ڪو

چوندا جو چوٻول ۽ چپ چپ نصير
ڏينهن ٻن ڪان ڏاتو پانو خواب ڪو

آسمان تان لٿا آهيون!
يا زمين مان ڦٽا آهيون؟

زندگي کان پڇا آهيون
جهٽ گهڙي ڪا ستا آهيون

من سجائي سگهون پاڻ کي
گس لتاڙي ٿڪا آهيون

ٻيو تماشو ٻـ ڪهڙو ڪيون
سڀ نشانا گُٿا آهيون

رنج هڪ سان هجي اوريون
راڄ سان ئي رٺا آهيون

چڪ اکين ۾ ڏسي چقمقي
هر قدم تي ڪٺا آهيون

موج دريا نـ ٻوڙي سگهي
نينهن نيٽين ٻڏا آهيون

ٿو ڪٿا پل! چوي ڪو نصير
ڏاک ول جا ڇڳا آهيون

سڄ ٽيڻ ٽي گهريو پر نصير
ڪڙ ڪٻيتا ڇڳا آهيون

سونهن ۾ سر شار ماڻهو
ڪيئن سو بيزار ماڻهو

مفلسي ۾ مانُ ناهي
تہ بہ چوان حقدار ماڻهو

جو ڪندن ڪان ڌار ٿيندو
سو گلن جو هار ماڻهو

سادا سادا خواب ايڏا
جڻ سدائين ٻار ماڻهو

عشق ناهي، عشق ڏاهي
’ڪام‘ جو ڪردار ماڻهو

ڪالهہ هو جهڙو نصير
اڄ بہ آ اسرار ماڻهو

اجان مَسَ پختگي آئي
لاڏاٽي جي گهڙي آئي

عمر کهڙو ڪجي ليکو
ته پاڇي ۾ ٻُڙي آئي

ڏنوسين ڏات ڏوهي کي
ڦندي ڦاهيءَ ڪڏي آئي

اهو خالي گمان ناهي
عدم مان آگهي آئي

حياتي شاعري منهنجي
حصي ۾ هر خوشي آئي

يادن جو ڏڻ ڌارڻ ڏي
چاندوڪين ۾ چارڻ ڏي

ڏينهن گذاريم رڻ ۾ يار
شام اکين ۾ نارڻ ڏي

هاڻ نہ ايندين، پوءِ سهي
آس جا ڏيئا ٻارڻ ڏي

ٻاهر ٻيائيءَ ٻول رڳو
گهر ۾ تنها گهارڻ ڏي

هر هنڌ هُو موجود نصير
مان، مان من جي مارڻ ڏي

هر شيءِ ساڳيءَ ريت اجان
ساڳيو زمانو، ساڳيو مڪان

ماڻهو مهذب صورت ۾
وحشت ڌاريا روپ نوان

ساڳي ڌرتي، ساڳيا ماڻهو
بدليو چاهي، ڪيئن ڇوان

ايندو اهڙو دور ڪڏهن
ڏاهپ ٻڌبي زور ميان

ڪوڙ خوشيءَ جا تارا ڪڙندا
اوندهه ۾ آڪاس جيان

جاتي، ڪاتي خير نصير
ساپيان پنهنجا خواب ڏسان

ڪٿي آهين پنهنجي هجڻ جي خبر ڪر
خيالن ۾ اوچي اڏڻ جي خبر ڪر

ڪرم ڪيڏا پاڻيءَ جا جوين تي آهن
ڪني پاپ - پوتي ڏئڻ جي خبر ڪر

رابيلن جي رت ۾ رسڻ جي خبر ڪر
عمر جي عذابن جي بڻ جي خبر ڪر

گهڙو ياڳ پنهنجي جو جهڙو ڪچو هو
ڪچوئي رهيو پر ٻڏڻ جي خبر ڪر

ثوابن جي ڏڳ تان ٻه گذرئين نصير
ته پتڪي پوڻ ۽ بچڻ جي خبر ڪر

ڪتي خواب ڪوڙا ڪتي ساپيائون
انڌيري ۾ پاڇي مثل پاوِنائون

چتر چير آهن يا اچرج ڪتائون
دنيا جي دکن جون پليون پوڳنائون

ستل هئي جواني ٻڌي ور جي پر ۾
سڄي رات رئنديون رهيون آتمائون

ڏسي ڏنگ پنهنجي جيئڻ جا نرالا
ڪٽي ميڙ در تي وريا ديوتائون

قضا کي ترڳ تي اڳيئي رکيوسي
ڪنل کي ڪهي تا ڪٺو بد دعائون

گهڙي ترسو جلدي نہ فتوي ڏجو ڪا
اجان ڪوڙ آهن لڪل ڪوجنائون

ورهن ڪان تي گڏجي گذاريو نصير
گهڙيءَ ۾ پني سپ ويون آشنائون

اڪيلا هئاسين، اڪيلا اچان
زمين هيٺ ساڳي، مٿي آسمان

نہ هيڏي، نہ هوڏي مڪمل طرح
حياتي گذاري، رهي درميان

نوان دڳ کُلي پيا، نيون منزلون
ڪٿي پنهنجي ليڪن نہ ٿي آجيان

خزان ئي خزان باغ ۾ ڪيتري؟
ڪجي نيٺ ڇا. سوچ ۾ باغبان!

ڪري ماٺ ويهي رهون ڇو نصير
سفر در سفر آهہ فطرت روان

نندي ۾ ننديءَ ڪنهن خوشيءَ کي سلام چئو
ٻين جي دکن ۾ دکيءَ کي سلام چئو

رواجن جي رڻ ۾ نہ ڀٽڪڻ گهريو جنهن
هماليہ کان اوچي ڳچيءَ کي سلام چئو

جتي پنهنجا پيرا اجان تائين آهن
لنگهين او مسافر، متيءَ کي سلام چئو

اڙي سج، مان، مان چڙهي ڏس زمين تي
ڪٽي توکان گهٽ ئي، ٻتيءَ کي سلام چئو

ڏکهي زندگيءَ ۾ رکيو چا نصير
جهد ۽ بقا جي گهڙيءَ کي سلام چئو

اڳي ڪجهہ هو، نہ ڪجهہ آهيان
وڏو ماٺهو تيو آهيان

مسيحا دل اندر منهنجي
ڪليسا تي ويو آهيان!

ٻين جي چيچ پئي پڪڙي
ٻٽيو خود ئي ڏيو آهيان *

الڳ ڪا شيءِ جئن گهر ۾
زماني ۾ پيو آهيان!

ڪڏهن لِڪ ۾، ڪڏهن سامهون
لڪائن جو ليو آهيان

* ڏيو : ڏيئو

# وايـــــون

# واهيري جي ويل نصير، ورندا سپ وٽجار
# سُرها سيٽن وار

ٽلهه: آدم مان انسانُ، ميان! آزادي ايمانُ

1- سونهين ساهه سرير ۾، سُونهارو سبحانُ!
آدم مان انسانُ!
2- آپي جو ايمانُ مري، ڏوڙ ڏيو ڏنوانُ!
آدم مان انسانُ!
3- سانير صدا سُکَ جي، درد اندر درمانُ!
آدم مان انسانُ!

٭

تلهه: جيڏانهن وڃي جڳ، منهنجو پنڌ پريتڙو

1- اوڙو پاڙو آڳ ۾، لاٿانيءَ سان لڳ
منهنجو پنڌ پريتڙو
2- وکري ويو ولهار ۾، ويساهن جو وڳ
منهنجو پنڌ پريتڙو
3- موهه مزو ماڻيو اهو، مَنُ موالي مڳ
منهنجو پنڌ پريتڙو
4- ماڳ مڙئي معدوم نصير، آڳهه ها جي اڳ
منهنجو پنڌ پريتڙو

تلهہ: وِيچارن جا وارَ، ساڳوٽا سنسار ۾!

1- اٺجن اکيچار پيا، چارَ منجهائون چارَ،
ساڳوٽا سنسار ۾!
2- ڏاڏائيءَ جي ڏِڌَ تي، والاريا واپارَ،
ساڳوٽا سنسار ۾!
3- ٻئي جي ٻاريل باهہ ۾، ٻارڻ منهنجا ٻارَ،
ساڳوٽا سنسار ۾!

تلهہ: وندَ ٻُڙيءَ وهنوارَ، يار! پاڇي ۾ پڇتاءُ

1- ڇَڪَ وِڇهن چانڊوڪيون، آڌيءَ رات رئارَ يار!
پاڇي ۾ پڇتاءُ
2- سرڪ ساهي سر ڪشيءَ مان، سُرڪ پِرن سرشارَ يار!
پاڇي ۾ پڇتاءُ
3- آس غريبن ٻارن جي، ڇا نهيءَ جي ڪا ڦارَ يار!
پاڇي ۾ پڇتاءُ
4- جُهنڊ تہ ساڳئي جهنگ جو، ڏڻ ڏنارن ڏارَ يار!
پاڇي ۾ پڇتاءُ
5- ورندو اهڙو وقت نصير، هڪڙي ٿَنَ ٿَنوارَ يار!
پاڇي ۾ پڇتاءُ

تلھ: اوجھل چو انسانَ کان، پاڇولا پولار ۾

1- دل ۾ ڏُکَ دليل جا، اڳتي ڇا امڪانَ کان
پاڇولا پولار ۾
2- آڏي پِٽ پوائتي، ڌرتيءَ جي ڌھمانَ کان
پاڇولا پولار ۾
3- شوق ٻٽائي ڇيڪ ڇڏيو، ٻانھپ جي ٻلدانَ کان
پاڇولا پولار ۾

تلهه: اکڙين اجان اير، اچڻو، وڃڻو جيئڙو!

-1 سوين مَني صورتون، جتي ڪٿي پير،
اچڻو وڃڻو جيئڙو!
-2 ڪٿهن خوشيءَ ڪاج ۾، ڪٿهن منيءَ ڍير،
اچڻو وڃڻو جيئڙو!
3 - وڃي وريو ناهه ڙي! ڪنڌيءَ وٿان ڪير،
اچڻو وڃڻو جيئڙو!
-4 ڪچو پڪو واءَ تي، ٻيريءَ ڇٽي پير،
اچڻو وڃڻو جيئڙو!
-5 نديون وهي نير جون ڏوئي ڏوئن مير،
اچڻو وڃڻو جيئڙو!
-6 جڳ جڳاندر ضد جو، پرتو شر ۽ خير،
اچڻو وڃڻو جيئڙو!
-7 ڍهي جڙي ڪهڪشان، ڦيٿي ڦرڻو ڦير،
اچڻو وڃڻو جيئڙو!

تلهہ: سڏ پڙاڏو آهيان پاڻ، حَدَ ۽ لاحد هيڪڙي

1- سُور پُڄاڻا سهنجائيون مَنَ اندر مانداڻ
حَدَ ۽ لاحد هيڪڙي
2- تو ۾ مان ۽ مون ۾ تون، آهہ ۽ ناهہ اڄاڻ
حَدَ ۽ لاحد هيڪڙي
3- هارَ بہ ڀانيان سوڀ نصير، سُونهن، سچائيءَ ڪاڻ
حَدَ ۽ لاحد هيڪڙي

تلهه: چنڊ! ڪرڪا خبر، ڇا ڏنئہ ڇا ٻڌءِ
راتِ جي رُڃَ اندر

1- ڇوءُ پيا ڪي وڃي، ننڊ تو لئہ ڦٽي
هڪ گهٽي ٻي گهٽي، دربدر دربدر
راتَ جي رُڃَ اندر

2- هي ٻہ چئجانس ڙي، ننڊ ڪٿڙڪيءَ منجهان
پائي جهاتيون ڏسان، مَنَ اچين ڪٿِ نظر
راتَ جي رُڃَ اندر

3- ماٺ ئي ماٺ ۾، منزلون طئہ ڪيون
ڪيئن ڳالهيون ٿيون، مُشڪ جان مشتهر
راتَ جي رُڃَ اندر

4- وَٽ بتيءَ جي جَهڪي، پئي اُجهامي ٻري
دل ٻُڌي ۽ ٽري، آهہ پويون پهر
راتَ جي رُڃَ اندر

5- ريت چمڪي نصير، آسمان تان لهي
جهٽڪ آيا، ڪَهي، ڪهڪشان زيبور
راتَ جي رُڃَ اندر

تلهہ: پل پل پور پچارَ، لڙکن لارون لارَ

1- اجان انهيءَ آسري، لهندو ساجنُ سارَ
لڙکن لارون لارَ
2- پيڙائون پچاڙکيون، جهرمرجُهلَ جُهونجارَ
لڙکن لارون لارَ
3- پيتا جون سپ صورتون، ڏڙَ سسين کان ڏارَ
لڙکن لارون لارَ
4- ڏبرن ڏولاکا نصير، ڏاڍن لئہ ڏهکارَ
لڙکن لارون لارَ

تلهہ: ڪاميابيون ڪن ڪَٺ، پرک پار اپار جي

1

- پنڌ پري ڪان تورڙو، پير پٿون تين پَٺ
پرک پار اپار جي
2- قيد ڪڙيون ئي ڪارٽيون، نک پارائڻ ئَٺ
پرک پار اپار جي
3- ڪرت قناعت ڳالهيون، حرص هزارين هَٺ
پرک پار اپار جي
4- جَلَ جولائيءَ جندڙي، موج مخالف مَٺ
پرک پار اپار جي
5- چارن قاتل ڄرڪيون، قٽ قٽ پاٽيءَ قُٽ
پرک پار اپار جي
6- ويل وهاٽيون ويندڙيون، سڪٽا سارا سَٽ
پرک پار اپار جي
7- سيگهہ نصير پڄاڻٽيون، رچنائون رک رَٽ
پرک پار اپار جي

تلهه: سُرها سَيٽن وارَ، ٻئي جنم جا ٻول

1- اڇا، ڳاڙها، هيدا هارَ، مالها مٽيا دارَ
سُرها سيٽن وارَ

2- پيارا، پيارا پاڻ کي وٽندڙ ويجها ٻارَ،
سُرها سيٽن وارَ

3- دانهي دريا پيٽ ۾، سوکهڙي جي سارَ
سُرها سيٽن وارَ

4- ڪامل ڪَڙَ ڪُندائتا، ڪوڏيا ڪُنيَ قطارَ
سُرها سيٽن وارَ

5- ڪڙهي قلب قراريا، قالو قول قرارَ
سُرها سيٽن وارَ

6- واهيري جي ويل نصير، ورندا سي وٽجارَ
سُرها سيٽن وارَ

ٽلهہ: جيون جَرُ اجهاڳُ، جيون جَرُ اجهاڳُ

1- هڪڙو باب ڪتاب جو ماڻهو محض مهاڳُ
جيون جَرُ اجهاڳُ
2- ڪوڙ سريلن راڳين جو انت ڪري ڪتراڳُ
جيون جَرُ اجهاڳُ
3- سورن منجهہ سهاڳڻيون، ڏمر ڏوٿُ، ڏهاڳُ
جيون جَرُ اجهاڳُ
4- خان ڪارائين بوفن ۾، لوڪ صبر جو ساڳُ
جيون جَرُ اجهاڳُ
5- ٻاجهہ ٻني ٻانهي مٿئون، ٻيڪ لکيائين ڀاڳُ
جيون جَرُ اجهاڳُ

تلهہ: اڳيان پَوَ پندارَ، آءٌ اڪيلو اوپرو

1- سَرَ ۾ سانجهيءَ ٺاٽي ڪا، ڪٺڇي جيئن ڪنارَ
آءٌ اڪيلو اوپرو
2- پنهنجيءَ پر ۾ پيڪن پيا. اُدما آب ابارَ
آءٌ اڪيلو اوپرو
3- نانيءَ ويڙهو ناحق ڙي، پيل ڪيئي پوتارَ
آءٌ اڪيلو اوپرو
4- سوگهو دائرن داٻن ۾، اوچي هُوند اڏارَ
آءٌ اڪيلو اوپرو
5- لوڪ لچا جو ليکو ٻيو، نانگا نينهن نکارَ
آءٌ اڪيلو اوپرو
6- پوچا پاٺ پريت نصير، هُو هُو جي هونگارَ
آءٌ اڪيلو اوپرو

تلهه: امل انسانُ مان آهيان، اجهل امڪانُ مان آهيان!

1- ڪٿي هيٺو، ڪٿي ٻيٺو، سگهارو سانُ مان آهيان!
امل انسانُ مان آهيان!
2- ڪڙو کهڙو، کهڙي گهنٽي، کُليو ميدانُ مان آهيان!
امل انسانُ مان آهيان!
3- سياڻن کان سياڻو ۽ نپٽ نادانُ مان آهيان!
امل انسانُ مان آهيان!
4- پون جي وحشتون جاڳي، تکو طوفانُ مان آهيان!
امل انسانُ مان آهيان!
5- اوٺائيون اڻ ڳٽيون مون ۾، اجان حيوانُ مان آهيان!
امل انسانُ مان آهيان!
6- خدا ناهيان خبر آهي، خدا جو شانُ مان آهيان!
امل انسانُ مان آهيان!

ٿلهہ: پنوهاريون پهرينِ، لوئيون لچهڙيون

1- خوشيءَ وچان ڪيچليون، لهرن جيان لهرينِ
لوئيون لچهڙيون
2- مينهن وٺي ماروئڙيون، بوندون جئن بحرينِ
لوئيون لچهڙيون
3- ٻج نہ ٻيائيءَ ٻوهٽيون، ٻاڙ جنين ٻهرينِ
لوئيون لچهڙيون
4- ٿهل ٿڪورون ٿهڪٽيون، ٿپر ڪي ٿهرينِ،
لوئيون لچهڙيون
5- ڪل نہ هئائون ڪوٽ جي، قلبين جا قهرينِ
لوئيون لچهڙيون
6- هيٺيون، هئبت هاٺيون، آنرجو اهرينِ
لوئيون لچهڙيون

تلهہ: هينئڙو هوند ٿري، الا! هينئڙو هوند ٿري!

1- ڳولائو ڳڻ ڳوت ۾، ڪهڙو ڪَمُ ڪري؟
هينئڙو هوند ٿري!
2- گل ڦل آچيا اُٿَ کي، لاٽيون لُنبَ چَري،
هينئڙو هوند ٿري!
3- شال! پرين پرچي نصير، پل ۾ پاپ پَري،
هينئڙو هوند ٿري!

# نظم

انهيءَ کان اڳي جو
اوسيئڙي ۾ اکڙيون
بنهہ پوٽجن
اجالن جا سپنا
انڌيرن ۾ گم ٿي وڃن
هلي آءُ جانان
ڪٿي آهين جانان

## ڪٽڪ داٽو

هوند اهڙو ڪو زمانو
ڪٽڪ داٽو
هو وڏو ايڏو
ڪڪڙ آنو
توانو!
پر جڏهن ڪان
تنهنجي منهنجو
ڏارناٽو
ڏار ٽاٽو
پيچ پچاٽو
بس! بهانو
چڪ چڪان ۾
وٺ وڻان ۾
روز سسندو
ڳاٺ ڳسندو
تولو
ماسو
۽ رتيءَ ذرڙو
نماٽو
ڪٽڪ داٽو

# ڪٿي آهين جانان!

زمانا ... زمانا ...
زمانا لنگهي ويا
انڌيرن
اجالن
جا ڏينهڙا ۽ راتيون
اجا تائين ساڳيون
اوسيئڙي ۾ اکڙيون
اوسيئڙي ۾ اکڙيون
اوائيون
اوائيون
ڪٿي آهين جانان!

وڻن جون قطارون
پهاڙن جون چوٽيون
اڪيليون
اڪيليون
اوسيئڙي ۾ اکڙيون
اوائيون
اوائيون
ڪٿي آهين جانان!

هلي آ تہ تنهنجي
اچڻ جي خوشيءَ ۾
ٽڏي ڪير جهڙي
ڦٽي باک پئي،
پنيءَ ماڪ مڪڙيون
ٽڙي گل پون
وڻي واس تر جي ولين ۽ وڻن مان
پرن کي پکيڙي پکي آجيان ڪن
اوسيئڙي ۾ اکڙيون
اوائيون
اوائيون
ڪٿي آهين جانان!

انهيءَ ڪان اڳي جو
اوسيئڙي ۾ اکڙيون
بنھ ٻوٽجن
اجالن جا سپنا
انڌيرن ۾ گم ٿي وڃن
هلي آءُ جانان
ڪٿي آهين جانان!

## چيٽ جي ساون وڻن جي ڇانوَ ۾ *

اچو
اچو
او دوستو!
وک وڏي وڌڪار ۾
چيٽ جي ساون وڻن جي ڇانوَ ۾!

هت نظارا نيڻ واديون
چاهه چارا چنڊ راتيون
سمنڊ، دريا ۽ ڍنڍون
ڌرتيءَ مٿي
پئي هوا ڪڪرن جا ڪوڙي شاميانا
اڀ مٿي
چا ٻڌائي چا ٻڌايان
ڪيترائي ڪهڪشان پولار ۾
چيٽ جي ساون وڻن جي ڇانوَ ۾!

هت پکي لاتيون لنون تا
وڻ هندوري جان لڏن تا
ساهه جي سر تال تي پڻ
جهانجهريون ڇم ڇم وڄن ٿيون
ڪير ايندو

* شيڪسپيئر جي نظم Under The Green Wood Tree جي طرز تي لکيل

ڪير ايندو
ڳڏ پکين سان گيت ڳائڻ
سونهن جي سنسار ۾
چيٽ جي ساون وڻن جي ڇانو ۾!

هت بکيرو ڪوبہ ناهي
۽ وڏيرو ڪوبہ ناهي
جو ويڙهائي راڄ سارو
ووٽ جي وهنوار ۾
چيٽ جي ساون وڻن جي ڇانو ۾!

اچو
اچو
او دوستو!
پر اهو سوچي اچو
ڪجهہ سرءَ جي سانجهہ جون ۽
ڪجهہ ولهہ جي واءَ جون
سنگدليون آهن ضرور
ڪير سهندو
ڪير ڳهندو
ٽڙڪٽيون ٽڏڪار ۾
چيٽ جي ساون وڻن جي ڇانو ۾!

## دوست *

منهنجي جيون جو مها ساگر تہ ڏس
قربتن جا ڪوڏ جنهن ۾ قيمتي
ياڳ اهڙا
جو رقيبن کي بہ آيو رشڪ پئي
لاڏ ليڪن سڀ اهي هڪڙي طرف
دوست! تنهنجي دوستي مُڙ کان مٿي
مهل مون تي ڪا ڏکي آئي جڏهن
دوست ٻيا ڳالهيون ڪندا ها ڪوڪليون
پر دنيا ۾ تون رڳو هڪڙو هئين
ڪا ضرورت هئي ڪري پوري ڇڏين
ساٿ تنهنجو يرا ڏسي سوچيان پيو
مان بہ بڻجي دوست ڪنهن جي ڪم اچان
چو نہ تو جهڙي سٺي ڪنهن دوست جو
پيار جي قابل بڻايان پاڻ کي
مان بہ سمجهان دوست ڪنهن جو پاڻ کي

* انٽرنيٽ تي ڪنهن گمنام شاعر جي نظم کان متاثر ٿي لکيل

# تاج محل

تاج الفت جي نشاني تون ڀلي سمجهين تہ سمجهہ *
۽ رنگين وادي عقيدت جي ڀلي سمجهين تہ سمجهہ
پر پرين! مون سان تہ تون ڪنهن ٻي جڳهہ تي مل اچي

بزم شاهي ۾ غريبن جو گذر ڪهڙو ڀلا
جن جي راهن ۾ نظر جبروت جا جلوا اچن
ڪيئن آخر روح الفت جا اتي ايندا ڀلا

مرتبي جي ماڳ ماڙين ڪي ڏسين ها ڪا گهڙي
ڪجهہ تہ سوچين ها وفائن جي لڪل تشهير تي
مردا شاهن جي مزارن تي ريجهڻ وارا رفيق!
پنهنجي گهر جي ٻاٽ اوندهہ ڪي ڏسين ها ڪا گهڙي

اڻ ڳڻين ماڻهن محبّت آ ڪئي سنسار ۾
جن جا جذبا ها سچا ڪردار ۾، ويچار ۾
پر ميسّر ڪونہ هو سامان ڪو تشهير جو
ڇو تہ سي ماڻهو بہ ها مفلس دنيا ۾ پاڻ جان

ڪوٽ، ديوارون، قلعا ۽ مقبرا اوچا اهي
عظمتن جا هي بلند بالا ٽنيا ۽ راج ڀاڳ

* ساحر لڌيانوي جي نظم 'تاج محل" جي تضمين ۾ لکيل

پيڙهه ۾ جن جي دفن سر سر گواهي تي ڏئي
خون پنهنجي سان مٿي ڳوهي هئي پنهنجن وڏن

اوپرين! جن مسترين جي فن اپاريو سونهن کي
تن کي پڻ هوندي محبّت، هي حقيقت آ تہ پوءِ
چو سندن سجڻن جون آهن بي نشان اڄ تربتون
جن تي کنهن ٻاريو اڇي ناهي ڏيئو پلجي کڏهن

هي چمن زار، هي جمنا جو ڪنارو ۽ محل
کيئن دولت جي سهاري شهنشاهہ ڪئي شوق ۾
پاڻ جهڙن سڀ غريبن جي محبّت سان مذاق
او پرين! مون سان تہ تون ڪنهن ٻي جڳهہ تي مل اچي

# هـــائيكا

تنها میلی م
شام جو اکثر ایندو آن
یاد اکیلی م

ذيرج، تورو تل!
چوماسي جي مند اجهو،
بادل ئي بادل!

مئي ۾ هزار سَتَ
فائرنگ، باهيون ياڄ نصير
رستا رڳيا رَتَ

اوندهہ ۾ آڪاسَ
سانديي رکيا هوندا سڀ
عالَمَ جا احساسَ

ڪاهي ٻيڙو آ
تون بہ مهاڻا! مار ميڇي
سمنڊ سين جو آ

سمنڊ! تنهنجي سَگَهہَ
ماپي سگهندا ڪونہ ڪڏهن
ٻاهر ويهي ٻَگهہَ

يو ٻيندي سپ يال
تو نہ پڇيو ڇو منهنجا ميت
ڪهڙا آهن حال؟

آکيرو اجڙيو
پيرائي، تون پير سڃاڻ
پنڇي ڪنهن پڪڙيو؟

ڏيئن ڏڻ وڏو تئي
ٻار ۾ پوکي ٻوٽو ڏس
وڏي وڻ وڏو تئي

جڳ ۾ جئنداسين
گهاو لڪائي سيني ۾
ڪِلندا رهنداسين

يُلجڻ جا پُٽڪا
واچوڙن ۾ وچڙي پيا
صحرا ۾ سڏڪا

ڏرت ڏڪار ڏري
سارنگ! سڪ جا مينهن وساءِ
ڪان ڪان ڪانگ ڪري

وَڏ ڦڙا وسندا
گرج گگن جي مور ٻُڌي
ٿورنئين ٿِلندا

ڪوئلا ٽا پڇرن
جيڪي ڏنا تو ڏاجي ۾
وينڻ نٽا وسرن

آٽي وهه وٽيون
پنهنجي هٽن سان پيار پرين
تورا ڪيف ڪٽيون

چوڏهينءَ جو چنڊ
اڄ ايريو ناهي آن سان
سوچي وينو سمنڊ

آئيني ۾ ڏس
ڪنول وانگي ڪيچڙ ۾
پاڙ ٻه پنهنجي پس

تنها ميلي ۾
شام جو اڪثر ايندو آن
ياد اڪيلي ۾

اٽڪت آساني
آيو منهنجي جيون ۾
لاحد لاثاني

ڪيت ڪيڙيوسين
پاجاري ۾ پيڙا جي
جيون جوڙيوسين

جيڪر محبت آ
جيئري جنت ڌرتي تي
فاقو فرحت آ

وياڪل وياڪل سان
سمنڊ! تنهنجي لهرن جي
سنگت ساحل سان

# چـــوســـتا

هر لقاءُ ۾ يار کي ڳولي لڌو!
عشق ۾ اعتبار کي ڳولي لڌو!
مان ڪنڌيءَ بيٺل بظاهر اڳ جيان،
سچ پڇو، پاتار کي ڳولي لڌو!

## امن جي زمين

امن جي زمين سنڌ ساڳي صدين کان
سين کي تي پالي سڀني ماءُ وانگي
قدر لوڻ جو ڇا انهن کي نصير؟
رهن کونہ جيڪي سني ڀاءُ وانگي

## رهبر جاڳي قوم بہ جاڳي!

پنهنجي ڌرتي پنهنجي مرضي،
هٿ ۾ ناهي ڪارڻ ڪهڙو؟
رهبر جاڳي قوم بہ جاڳي،
سٺ نہ سهندو جهڙو تهڙو!

## لاڙڪاڻي ۾ گهر ڪي باهه

ماءُ سان دوڙي چنبڙيا ٻار
آگ اچانڪ پڙڪي پيئي
ٺوَ ئي ياتي ننڊ سمهي پيا
وڄ تيزي سان ڪڙڪي پيئي

## حقيقت

مياڻيون مياڻين ۾ دٻجي ويون
کهاڻيون، کهاڻين ۾ دٻجي ويون
زميني حقيقت، حقيقت نصير
چواڻيون، چواڻين ۾ دٻجي ويون

## اليڪشن 2007 جو پڌرنامو

جيڪو گھرندئو، ڏيندا سين
جڳ سان گڏجي هلندا سين
ماڻھو مرڻو هونئن به آ
ترقي جاري رکندا سين

## جگنو

آس جاڳائڻ آيو آهي
اونداهي ۾ جگنو ٽم ٽم
پکي پرهه جي ڪن ٽا منادي
نور جي رڻ ۾ رم جهم رم جهم

## سورهن آنا سچ سدائين؟

چوندون تيٽيون آهن، ليڪن
ڳالهه اها آ هينئر تائين
پاڳاري جون پيشنگوئيون
سورهن آنا سچَ سدائين؟

## وڏي ناٽو محنت جي آڌار تي

نندي ۾ نندي ماترا ۾ اٽو
اٺ ۾ سگهارو گهٽي کان گهٽو
وڏي ناٽو محنت جي آڌار تي
ڪرارن جو بنياد هڪڙو ڪٽو

## ذميوار ڪير؟

لڪي ٿئي، يا ظاهر، حڪومت نصير
ٿئي ڪجهه بہ، ان جي ذميوار آهي
مٿان ڪان وهي هيٺ پاٽي سدائين
عوامي سطح تي ڪو تڪرار ناهي.

## پيٽ جو مسئلو

ڇا ٿيو، جيڪر چهرا بدليا؟
منزل ساٿي، رستا بدليا!
پيٽ جو پهريون مسئلو حل ڪيو،
قسمت بدلي، رويا بدليا!

## پنڇي

ڪھڙو پنڇي ڪھڙو پڇرو؟
اڏري ويو سو، عرصو ٿيندو!
واءُ وانگي آزاد نصير،
جاتي ڪاتي، ڏِڪَ نہ ڏيندو!

## جستجو

آرزو ۾ مزو پنھنجو آ
جستجو ۾ مزو پنھنجو آ
جُهڪ يلي، ڪنهن بہ پاسي نصير
چار سُو ۾ مزو پنھنجو آ.

## بجيٽ

بجيٽ کي بجيٽ نہ چوان تہ ڇا چوان!
بہ مزا هڪ ٽڪيٽ نہ چوان تہ ڇا چوان!
عوام ساڳيو پيو ڪٽجي اڃان نصير،
رڪيٽ کي رڪيٽ نہ چوان تہ ڇا چوان!

## پورهيئي جو ملهہ

قدر تيل جو ٿو وڌي جنهن شرح سان
پگهارون بہ ساڳي شرح سان وڌايو
نجي يا حڪومت جو ڪاتو نصير
مهانگائي جن ڪان سين کي بچايو

## انسان جي يوڳنا

انسان پيو پوڳي ڌرتي تي زمانن کان
آيا تہ گھڻا سائين، جن سار لڌي ليڪن
اشراف ڏکيا ساڳا، بدڪار سکيا ساڳيا
دل دل کي ڏسو! ڪوٺي، ارمان دفن آهن

## وڏيرن جي تجارت

قبيلائي جهيڙن جي آفت وڏي آ
وڏيرن جي تہ ۾ تجارت وڏي آ
چگي ڳالھہ خاطر ڪتب هوند آٺيون
غريبن جي غيرت ۾ طاقت وڏي آ

## ڪنن ۾ ڪپهه

قهر جهڙي گرمي، مٿان لوڊشيڊنگ
گهٽا وينا ماڻهو حياتيون وڃائي
ڪپهه ڏيئي ويني حڪومت ڪنن ۾
پلي ڪوئي مرليون وڃائي وڃائي.

## تدبير ساڳي، تقدير ساڳي

نئين ٽيڪس ناهي لڳائي وئي ڪا
اڳوڻي بجيٽ واري تقرير ساڳي
عوام ٿورو ٿورو سمجهڻ لڳو آ
جي تدبير ساڳي تہ تقرير ساڳي.

## سنڌڙي انب

اسان جي عياشي انهيءَ تي ڪُٺي،
لٽا انب سنڌڙي تہ ڪائون پيا!
شگر جي مريضن تي افسوس آ
چکڻ کان، چهڻ کان، ڏسڻ کان ويا!

## سونهن

غضب سونهن تنهنجي ٻڌي سين، ڏٺي سين،
پتر دل بہ ڪيڏي بدلجي سگهي ٿي!
سندرتا تي ليڪن پروسو حماقت،
حماقت ۾ دل ڇا بهلجي سگهي ٿي؟

## آسمان ڏي نهارون

اگها آسمان ڏي نهارن پيا
سگها سپ زمين تي خدا تي ويا
ڪنول وانگي ليڪن گهڻا وچ تي
دنيا ۾ دنيا کان جدا تي ويا

## اويلا اويلا

ڪليا سين تہ ڪلندي گهڻن ڪي ڏنوسين
مگر پوڳنا ۾ اڪيلا اڪيلا
ڪٿو يا منو ميوو وڻ جو چکيوسي
پکيئڙا اڏاڻا اويلا اويلا

## بلوچستان جا مينهن سٽيل

اٺ لک ماڻهو ٻي گهر تي ويا!
ڳيو گهرن تا، گوليون جهلن ٿا!
سڙڪن تي ڇو آيا آخر؟
”ٻه سو رپيا“ سي تہ ملن ٿا!

## زندگي جي ريل

هن ريل جيان جيون ۾ هڪ وار مسافر ڪي،
وڏو تہ اڳيان آهي، لهڻو بہ ڪڏهن آهي!
پئي پاڻ هلي گاڏي، ڊرائيور بہ ڪٿي هوندو؟
ٻڏتر ۾ رهي آخر، مڃڻو بہ ڪڏهن آهي!

## بک پیانک قیامت آ

عزت، شهرت، دولت ۾
طوفانن جي طاقت آ
ان کان ليڪن بيٺي ٽيٺي
بڪ پيانڪ قيامت آ

## انهي کان اڳي

مان جواني ۾ سيڪجھ ڪري ٿو وڃان
ڏنڊ پنهنجا پراوا ڀري ٿو وڃان
دل ڪري بيوفائي انهيءَ کان اڳي
پاڻ کان پاڻ ٿيندو پري ٿو وڃان

## پڄي پوءِ اڄوڪو

سيان جي ڏٿن ڪان سنو سوءِ اڄوڪو
اڄاتل ڪان ڄاتل پڄي پوءِ اڄوڪو
چوماسي جا بادل وسن جيستائين
اتر يا ڏکڻ پر گُهلي ووءِ اڄوڪَو

## منهنجي سنڌ

جتي سمنڊ لهرون ۽ جرَ ۾ سپون
مندون چار سَنَ جون ميسَر ڏسون
ڪيپهه پهريون پيرو ٻـ سنڌ جي ايجاد
گَنديون عام اَنَ جون تہ گهر گهر رکون

## دانائي

فائدو، فائدو، فائدو
دير داناءُ ڪري جيتري
هو تہ جاهل ٿيا پر نصير
ابهرو تون تہ ايڏو نہ ٿي

## خواب ڪلي پيا

واقعن جا اسباب ڪلي پيا
بند پراڻا باب ڪلي پيا
اوسيئڙي ۾ اڌ صدي کان
نيڻن ۾ گم خواب ڪلي پيا

## گرمي

گرمي ۾ تيو حال برو آ
جواب برو آ، سوال برو آ
هر شيءِ ڏانوانڊول نصير
ڪهڙا پاڳيا، پال برو آ

## لوڊشيڊنگ

بجلي جو بحران وڌي ويو
جنريٽر جو شان وڌي ويو
توري گهٽي سپلاءِ آهي
واپڊا جو احسان وڌي ويو

# متفرق

گل ڪيڏا ٻہ سھڻا ۽
سُگند پريا ھجن، ڦُٽن
مٿيءَ منجھان ئي ٿا...

## شهري تهذيب

موهن جو دڙو گهمي ڏس
وهنجڻ جو تلاءُ
نڪاسي جو نظام
۽ ٻيا آثار ڏسي
ڏندين آڱريون اچي ويندءِ
تہ هزارين سال اڳ
سنڌ ۾ شهري تهذيب
عروج تي هئي
هن تهذيب جو وارث
آءُ سنڌي آهيان.

## جاڙي يت

ادب جاڙي يت آهي، جنهن
جو هڪ پاسو معقوليت ۽ ٻيو
جذبات آهي.

## شيون

شين جو تصور ۽ انهن جي اهميت
هر ماڻهوءَ لاءِ الڳ الڳ آهي. مثلن
گلاب جو گل ڪنهن لاءِ محض
گل آهي، پر هڪ شاعر يا آرٽسٽ لاءِ
اهو ڪيئي علامتون رکي ٿو.

## نئين ٽيهي

نئين ٽيهي جي هٿ ۾
مارڪس ۽ ٻئي ۾ فرائيڊ
آهي، پر ٻئي وٺيءَ تي آهن،
ٽاڙي وڄي نٿي سگهي.

## تعلق

تعلق لاتعلقيءَ ۾، ۽ لاتعلقي
تعلق ۾ بہ بدلجي سگهن ٿا.
Detachment در جي طاق وانگر آهي،
جيڪو کلي بہ سگهي ٿو ۽ بند بہ
ٿي سگهي ٿو.

## منافقي

منافقيءَ جو نانءُ دانائي ۽ دانائيءَ
جو نانءُ منافقي نہ رک!
منافق داناءُ ۽ داناءُ منافق
نہ ٿيندو آهي.

## جواب

هر شيء جو جواب ڏيڻ ۽ هر
سوال جو جواب ملڻ ضروري
نہ آهي.

## مهلائون

مهلائون گلابن وانگر آهن.
هڪ پيرو نمائش تيڻ
سان سُگند منجهائن
غائب ٿي وڃي ٿي.

## سنڌ سان عشق

عشق جي اوٽ ۾ وڏا ڪلور ٿيا
آهن. سنڌ وڻي ٿي، سنڌي نہ ٿا وڻن، آخر ڇو؟
ڇيو وڃي پيو تہ سنڌي ڪير بہ ٿي
سگهي ٿو. انهن نام نهاد عاشقن جي سنڌي،
ٻولي سمجهي وڃن ٿا، جيڪو سمجهي
وڃي، سو ڀلا! ڪيئن وڻندو!

## قول

جان ڪيٽس جو هيءُ قول
ڪيڏو نہ درست ۽ وڻندڙ لڳي ٿو
”حسن حقيقت آهي ۽ حقيقت حسن.“

## ڪهاڻي *

آءُ ڪهاڻي آهيان.
بڌائڻ جو
ڏانءُ نٿو اچي، ڪوشش
ڪريان ٿو، من پنهنجي ڪهاڻي
بڌائڻ ۾ سوپارو
ٿي وڃان. پرضمير قلم کي پاڻمرادو
هلڻ نہ ٿو ڏي. شايد ڪهاڻي
اڌوري رهجي وڃي.

## نورالدين سرڪي

ڏٺي مغفرت ڪريس، ماڻهو
لاجواب هو. ادب ۽ سياست جي ڪيترن واٽهڙن
لاءِ جهڙوڪ لائيٽ هائوس هو.
ڪِن دوستن اهو چئي
جناري نماز نہ پڙهيائونس
تہ هُو دهريو هو. ان ڪري
شايد! هُو بہ ڪوڙ ڳالهائي ها،
واعدو ڪري ان تان ڦري وڃي ها
تہ مسلمان لڳي ها.

## ضابطو

پاڻ تي ضابطو رکڻ ۽ نظم و ضبط
۾ رهڻ جو مطلب غلامي نہ آهي.

## دنيا

بگهڙجو لوڌ
لومڙ جي عياري
سهي سگهين تہ رک ياري،
۽ انهن ۾ شامل ٿيءُ
جهڙي دنيا ساري!

## سڪون ۽ قرار

سڪون Catharsis آهي،
جيڪو Kinesis (حرڪت)
مان گذرندي
Stasis (ناپر) جي
صورت وٺي ٿو.

## ٽريجڊي

معقوليت جي جاءِ تي نامعقوليت ۽ نامعقوليت جي جاءِ تي معقوليت بينل آهي. يقين نہ اچيوَ تہ ثقافت کاتي وجي ڏسو، ڇامڙا ڪارندا بہ قداور اديب نظر ايندا.

## سچار

سچار سچ ڳالهائيندو آهي. متان! سمجهو تہ سيئي ڳالهائيندڙ سچار هوندا آهن.

## ڪائنات جو پنور

"Wheels within wheels"

پيچ در پيچ يا ڦيٽن ۾ ڦيٽا:

هڪ مها چڪر.

## نتشي جو قول

سُونهن ۽ اَسُونهن حياتياتي
تصور آهن.

## ڏاهپ

تصوف Wisdom آهي،
صوفي Wiseman آهي،
صوفي شاعر
۽ شاعري گيانُ سَر يا
ڏاهپ جو تلاءُ
"Pool of wisdom" آهي.
ڏاهپ جي ان تلاءُ مان، مان ٻـ يونان
جي سوفستائين، سنتن، ساڌن ۽
جوڳين وانگر وهنجي سنسار کي نئين نموني
سمجهڻ لڳو آهيان؛
دنيا جي ٻورنگيءَ کي پڙ.

## هڪ شاعر

چ. ڪ ( چَڪُ، چُڪَ ۽ چِڪَ ) شاعر
نہ آهي. البتہ ڏنگين ۾ چاٽايل خاصيتن وارو
جِيوُ ضرور آهي.

## گيسٽ هائوس

چيائين: هلو! ڪٿي وينو آهين؟
چيم : گيسٽ هائوس ۾.
چيائين: ريپ هائوس ۾ ڇا توڪرين،
وڏو ماڻهو ٿي ويو آهين ڇا؟
چيم: اڙي! بابا، گيسٽ هائوس ۾ آهيان.
چيائين: گيسٽ هائوس ۽ .......... هائوس
ساڳي ڳالهہ آهي.

## سفيد رنگ

سفيدي يا اڇو رنگ پاڪيزگي
جي علامت آهي. هُن ڪي پڻ
اڇو رنگ وڻندو آهي. ڏانهس
ڏسندو آهيان تہ اڪ ۾ اڇائي
۽ پوترتا جا عڪس اُڀري ايندا آهن.

## ھڪڙو چھرو

منھنجي دلڙي ڪٺي ويو آهي
هڪڙو چهرو وڻي ويو آهي
ڪيس ٻڌايمر، پڇيو هئائين
مٿو ٻہ ٽورو ڇڻي ويو آهي.

## ثقافت

موهن جي دڙي کان ثقافت شروع ٿي
هتان ماٺهپي جي اڏاوت شروع ٿي
ورهاڱي کان ليڪن ڏسون ٿا نصير
حقيقت جي ابتڙ حقيقت شروع ٿي.

## قصور

دنيا کي (زماني کي) گهٽ وڌ
ڳالهائين ٿو، اها ته جڳن کان
بدلجندي رهي آهي. تبديلين کي
نٿو سمجهين ته قصور دنيا جو نه چئبو.

## حيراني

موبائيل جي سِم (Sim) ۾
ڪمپيوٽر جي چِپ (Chip) ڏسي
عقل حيران آهي
ڇا تہ انسان آهي.

## نثار احمد ساريو

لاڙڪاڻي جائو
سول انجنيئر
عملدار
مهاندن جو سهڻو
ماڻهپي جو مثال
بنهہ ذميوار
هُوند ۾ ۽ اڻ هُوند ۾
ڪڏهن ڪونہ ڪنهن سان
ڳتو لفظ ڳالهائي
پلوڙ مڙس
منهنجو محسن آهي.

## نصيحت

پٽ بلال! سَهڻ سگهين، نہ تہ......
چيڙاڪ ٿي ويندين
ڪٽراڳ ٿي ويندين!
ٻيو تہ، سرڪاري نوڪري نہ ڪجانءِ، نہ تہ........
تنهنجي صلاحيتن ۽ اخلاقيات کي
ڪرپشن جو سوڀٽ چٽي ناس ڪندو!
۽ سوڀٽ مان پوپٽ بڻجي
گلن مان واس وٺي نہ سگهندين
پٽ! توکي نصيحت نہ وڻندي
تنهنجيءَ عمر ۾
مون کي بہ نصيحت ڪانہ وڻندي هئي.
پر ڇا ڪريان
جو تجربن مان سِکيو آهي
توکي ٻڌائڻو بہ هو.

## قيامت جي گهڙي

بيان ڪيئن ڪريان
سچو داستان
شهيدن جي رت سان
ڳاڙهو آسمان
لهي سج آيو
نيزي پانڌ تي
قيامت جي آئي
گهڙي سنڌ تي
تپي ٽامو ٿي وئي
زمين اوچتو
بيان ڪيئن ڪريان
سچو داستان
انهيءَ ڪان اڳ ٻہ
”ٽي لاش“ آيا هئا.........

پرون

پرھ جا پکي سپ
پکارن پيا
شڪارين کان جيڪي ڊنل
۽ لڪل آکيرن ۾ آهن
پکي "هنج" پيارا
وڻي هل
وڻي هل
شهيد جو سَٿ اوسيئڙي ۾ آهي
جتا جانثارن جا
جهندا آجيان جا
ڪنيو بيٺا آهن
ڪڌهو ڪو لنگهڻ تي
اگهاڙا
اجارا
ڪليل آسمان هيٺ بارڙا
سهارن لاءِ ٻانهون ڦهلايو
نهارن پيا
وڻي هل
وڻي هل

دَلي مُون ”جنت“
جتي فاقو فرحت
جنم ڀومي مون کي
سڏي ٿي
سڏي ٿي
هلي آءُ جلدي
پکي ”هنج“ پيارا
هوائن ۾ اڏندو
۽ لهرن ۾ لڏندو
متان! دير ٿوري ٻہ ٿي ڪا وڃي
شهيدن جو ست اوسيئڙي ۾ آهي.

## اردو شاعري

منهنجي اردو شاعري
اهل زبان سامعين کي
سنڌي شاعري جي ڀيٽ ۾
وڌيڪ وڻندي آهي.

## ڦندو

## A Love Tangle

عشق پنهنجي ذات سان
عشق سهڻي عورت سان
عشق
پنهنجي ڌرتي
ٻولي
قوم سان
پيار جو ڦندو

## آڏي پڇا

## ( Cross examination)

ڳوٺن ۾ زالن کان ۽ شهرن
۾ مڙسن کان، سبب ٻنهي جو شڪ
هڪ ٻئي تي، پر
شڪ جو علاج نه آهي.

## سلام

سلام
صد سلام
سنڌ جي راڻي توتي سلام
تون پيڻ آهين
پورب ڄائي
توتي سلام

## گهرائي ۾ سوچڻ

ظاهري اک وڄائي اندر جي اک
سان ڏسڻ جو تجربو ٿيو ته هڪ اک
وارا به گهرائي ۾ سوچڻ جي سگهه رکن ٿا.
پر پيدائشي منڌا ٽنڊا اونهائي ۾
سوچن کان قاصر هوندا آهن.

## روشني

جو شخص تبديليءَ جا
سبب ڄاڻي ٿو، سو عارف آهي.
عرفان لاءِ انگريزي لفظ
Enlightenment انن سالن تائين
ورجائيو ويو
ليڪن نتيجو ان جي
ابتڙ نڪتو، يا نہ
اهو سمورو داستان
ٻيو عارف اچي ٻڌائيندو.

## مٽي

گل ڪيڏا نہ سهڻا ۽
سڳنڌ ڀريا هجن، ڦُٽن
مٽيءَ منجهان ئي ٿا.

## چانو جو ٻوٽو

ھُو شاعر پلوڙ
آهي پر سندس لکڻيون چانو جي
ٻوٽي وانگر ساندڻ جوڳيون آهن.
چانوَ جو ٻوٽو
ڊرائنگ روم ۾
ٻين
شين وانگر ڪنڊ ۾
پيو هوندو آهي
چانوَ ۽
ميوي جي توقع
ڪانئس عبث آهي.

## ارسطو جو قول

جنهن شخص حڪم
مڃڻ سِکي ورتو
اهو حڪم هلائي سگهندو.

## پيداوار

پيداوار محنت کانسواءِ
وجود ۾ نٿي اچي
تہ پوءِ فطرت جي
حسين لقائن پنيان بہ
ضرور محنت هوندي.
پر اها محنت گهربل
معيار موجب ڪنهن ڪئي آهي؟
سوچڻ جي ڳالهہ آهي.

## ڏن

مجي وٽ حقيقت
اها ٿئي نصير
خوشي آهي ممڪن
اگر آهہ ڏن!

## قول

لائوزي کي تائوازم
جو ابو سڏيو ويندو
آهي، هن جو مشاهدو
هو تہ جنهن کي گيان آهي
اهو ٻڌائي نٿو
۽ جيڪو ٻڌائي ٿو
تنهن وٽ گِيان ڪونهي!

## عمرالدين بيدار

سنو صحافي هو.
شاعر هو، تاريخدان هو
صاحب راءِ هو
وڏي ڳالهہ تہ
سنو انسان هو
سنن انسانن لاءِ
يونان جي هڪ ڏاهي چيو هو
**Whom gods love die young**

## اصل هوندو

لِڪل هوندو
دِنل هوندو
ستل هوندو
لڪل هوندو
ڪشش ڪيڏي
اصل هوندو
ڳچيءَ ڏاڳو
پيل هوندو
مزو ذرڙو
بہ ڪُل هوندو
ڪلا جي خوبصورت
ديويءَ چيو هو.

## سڪ

سڪ نہ ساڳي سيٽن ۾
ٻاھ ٻري ٿي نيٽن ۾.

## جنم ڏينهن

28 مارچ منهنجو
جنم ڏينهن آهي. هن
ڏينهن پاڳ جي فرشتن
منهنجي متي تي ڪنڊن
جو ڳرو تاج رکي
زندگي جي صليب تي چڙهڻ لاءِ
مريخ تان
اچلايو هو.

## Tychism

يونان جو اهو نظريو تہ ڪائنات تي
"اتفاق" جو اختيار آهي
يعني، اتفاق طور ٿيل واقعن
جي حقيقت جو اصول **Tychism**
آهي.

## قلندر

سچ ڦهلايو
پنهنجي زندگي جا تجربا
ٻين کي ٻڌايو
ملهار (سهمت ٿيندي) چيو
شاعر پيمبر آهن.
متن روڪ لڳائي نٿي سگهجي
تہ هُو سچ نہ ڳالهائن
(اختلاف ڪندي) چيو مانس
چپن سان سپ چوڻ
سولو ڪونهي
چوين ٿو
تہ قلندر آهين
يعني مجذوب!

## سڪڻ جو عمل

غلطين مان سکڻ جو عمل تجربو
آهي، ڪاميابيءَ تائين اهو (عمل) جاري رک.
سڀ دريافتون Non- Linear
عملن جو ثمر آهن.
شڪايت بدران
اوندهه سان وڙهه! ويڙهه اها آهي تہ اسان
پنهنجي پنهنجي حصي جو ڏيئو ٻاري
روشني پکيڙڻ جي ڪوشش ڪريون.

## سنڌو سڀيتا

"موهن جو دڙو" جي تاريخ فقط پنج هزار سال
قبل مسيح دور تائين رڪيل نہ آهي.
ان کان اڳ بہ هزارين
لکين سالن جي تاريخ هئي
جنهن پنج هزار سالن جي
سنڌو سڀيتا کي عروج تائين پهچايو.

## تجربا

تجربن جا ڪافي
چٽيا عڪس هِن
سنڌو جي ڪناري
پيا رقص ڪن
بظاهر تہ آهن
اڪر پر نصير
ڪهاڻي ۾ ڪيئي
ڪهاڻيون دفن.

## انسان دوستي

آزاد، منطقي سوچ رکندڙ
انسانيت جو قائل
خود لاءِ جنت
ٻين لاءِ جهنم جي باهہ
طلب نہ ڪندو آهي.

## پاوِنائون *

خواهشون
پاوِنائون آهن
ديوتائن جون
صورتون آهن
خواهشون ساڳيون رهن
ممڪن ڪٿي
ارمان نہ جاڳن
ممڪن ڪٿي
حاصل ڪرڻ جي آرزو ۾
بگاڙ پيدا نہ ٿئي
ممڪن ڪٿي.

* پاوِنائون: جبلتون (Instincts)

## ساسويا *

عجب روڳ آهي
لڳي وڃي تہ
سڀ ڪجھ ڇٽ
"عقل، مت، شرم
"ٽيئي نينهن نهوڙيا"

## ٻاٽ ڪاري

ڏينهن توڙي
رات ساري
راڄ راڻي
ٻاٽ ڪاري!
هي اڇن يا
هُو اڇن پر
جٺ ساڳي
اڄ بہ جاري!

* مصنف طرفان روڳ جو دريافت ڪيل نالو، جو فقط پرڻيل نوجوانن کي لڳندو آهي.

## ديوتا ناهيان

بچڙايون
مون ۾ به آهن
پاپ پيڙائون پڻ.
انسان آهيان
ديوتا ناهيان
جواتندي ويهندي
گهُمندي ڦِرندي
ڏوهه بابت
سوچڻ کان پري رهان
ان لاءِ ته ماڻهو
مون کي ديوتا سمجهن
البته ڏوهه بابت سوچڻ
ڪو پاپ ڪونه آهي
جيستائين عمل ۾ نه ٿو اچي.

## اڏ مُرڪ

ڪم ظرف جي
طنز پري
اڏ مُرڪ
زندگي ڪهڙي ملي!

## رَدُ

سني جو سنو
خراب جو خراب
هر عمل ۾ ان جو رَدُ
موجود آهي....
ثابت ڪيل ڳالهيون
پيهر ثابت ڇو ڪريُون
زندگي ايتري ڊگهي نہ آهي.

## پيءُ جو وڇوڙو

پيءُ سين کي پيارو
جهٽڪ وِهائو تارو
منهنجو پيءُ ٻہ اهڙو
الله بخش پيارو
پوٽا، ڏوهٽا، ڪيچ ڪيائين
ڪونہ ٻنيءَ جو ٻارو
ٻيا پيا قبضا، اغوا ڪن
پاڻ هو ماٺيڇي وارو
ڪيئن ٻہ آخر ويو گذاري
پنهنجو اونهارو سيارو
وات انهيءَ جو پانڌيئڙو
شاعر مان ٻہ ويچارو
اوسيئڙي ۾ آهيان
هاڻي منهنجو وارو.

## کھڙو لڳو واءُ

سنڌي
مهاجر
پٺاڻ
پنجابي
بلوچ
سرائڪي
۽ ٻيا
سيئي منهنجا ڀائر
آءٌ نہ ڪنهن جو ڀاءُ
کھڙو لڳو واءُ.

## آمريڪا جو صدارتي اميدوار

ڪارا پيا ڪُڏن
"اوباما" جي
آمد تي

## افسوس چو

بند اکڙيون منهنجيون هيون
آيس جڏهن
بند اکڙيون ساڳيون وري
ويندس جڏهن
ڇا هئو پنهنجو
ڇوان کسجي ويو.

## ڪيترو آخر

ڪري سڀ قربانُ
ڪيترو آخر اَيِ ڪي
ڌرتي ڏيندي دانُ

## پاڻي

مينهن وسي ٿو
اُپَ تان پاڻي ڏرتي جو
واپس وري ٿو.

## زال بہ........

نڪاح- بَدل
زال پئسا گهري ٿي
ڇا زالون سڀ اهڙيون هونديون آهن؟
ها! برٽريند رسل جي
چيل ڳالهہ
سمجهہ ۾ اچي وئي
فلسفي ٿيڻ لاءِ
شادي ڪرڻ ضروري آهي.

## نئون ضابطو

ادب ۽ آرٽ جي ڳالهہ نہ ڪر
عمل ۽ عقل جي ڳالهہ نہ ڪر
سوچ ۽ ويچار جي ڳالهہ نہ ڪر
سونهن ۽ سينگار جي ڳالهہ نہ ڪر
سوز ۽ ساز جي ڳالهہ نہ ڪر
آزادي ۽ اڏام جي ڳالهہ نہ ڪر
زمين تي رهڻو اٿئي
دنيا جي نئين ضابطي جو
احترام ڪر!

## دسمبر27، 2007ع

ٽن ڏينهن جي احتجاجن
وڳوڙن
باهين
ڌماڪن جي دونهين مان
سن 1857ع واري بغاوت
جي بوءِ پئي آئي.

## شان

مڙس جو شان
ڪنبيل ڪپڙا
ڏيئي وني
ڪائي پيئي
پاڻ ڪمائي نندين وڏن سان پيار
ڪچهريءَ جو ڪوڏيو
مڙس مُچر
دٻدٻو
۽ دهماڻ
گهر نہ ويهي مشڪل ۾
موت ملڻ کان بي نياز
.... ناريءَ جو شان؛
وار
سينڌ
سڳي
ٻار
ور
رڌڻو
خدمت چاڪري
زندگي آسان.

## مُونجهارو

ٽيڪنالاجيءَ
منجهائي وڌو آهي
ڪڪڙ شام جو
ٻانگ ڏيئي رهيا آهن.

## گهر

پکيءَ کي به پنهنجو آکيرو
آءُ انسان هوندي
پنهنجو گهر نه ناهي سگهيس
ڪُوڙي تسلي ڏيڻ
لاءِ سوچيندو آهيان
ته آءٌ پنهنجي لاءِ
پيدا ٿيو نه آهيان
پر پنهنجي ڪانسواءِ
گهر نهي ٿو
نه گهر هلي ٿو.

## حل

چيائين : مهانگائي ٿي وئي آهي
چيم: خريداري نه ڪريو
چيائين: اسڪول في وڌي وئي آهي
چيم: سرڪاري اسڪولن ۾ ٻار پڙهايو
چيائين: بجلي جا اگهه وڌي ويا آهن
چيم: لال ٽين ٻاريو
چيائين: گاسليٽ مهانگو آهي
چيم: صبر ڪريو
انتظار ڪريو
نظام بدلجڻ تائين.

## مسئلو

غريبن جي حصي جي روٽي
اميرن جا ڪُتا
کائي رهيا آهن.

## آئون ۽ ياءُ

منيءَ هاڻو سنڌي آهيان
ڌرتي منهنجي ماءُ
ڌرتيءَ سان جيڪو پيار ڪري ٿو
منهنجو آهي ياءُ
ٻولي سنڌي ڳالهائي
جتي رهڻ چاهي
منهنجيون دعائون ساڻس آهن
لڳيس نہ ڪوسو واءُ.

## پاڪائي

هٿ پاڻ سان
رڱيل اٿس
بار بار هٿ ڌوئي
سمجهي ٿو تہ
پاڻي ڪيس پاڪ ڪندو.

## پاڪ پلا

پاڪ پلاءِ جو
ذبور
تورات، انجيل
قرآن
شاهه جو رسالو
۽ ٻيا ڪيترا شاستر
آءُ پڙهي سگهان ٿو
نيٺ سنڌي ٻوليءَ ۾
گهري ويني ڪتاب
آديو وديو سي ڊي تي
سنڌي ٻوليءَ ڪي
ڪو لهر لوڏو اچڻو نہ آهي.

## ٻولي

ڪاب ٻولي تيستائين زنده
رهي ٿي، جيستائين ان
جا ڳالهائيندڙ زنده رهن ٿا.

## ٽيڪس فري

هوا "ٽيڪس فري" ڇو
"جي- ايٽ" ملڪن جي
اميرن جو اجلاس
بنا نتيجي ختم
ڪاميٽي جوڙي وئي
سفارشن جي
روشني ۾ قدم
کڻڻ جو اشارو!

## سنڌڙي

هميشہ هر حال ۾
وڏي ويجهي سنڌ
منهنجو من سرهو ٿئي

## ”ڻ“ اکر

”ڻ“ وڻ جو ٽُڙُ
ڏار
ٽاريون
۽ پَن
ٻُور
ميوو
ڪاٺ ۽ چوڏا
سڀ پائر پينرون پاڻ ۾.

## ڏُوئي

تصور انسان جي دماغ ۾
۽ حقيقتون (دماغ ڪان) ٻاهر آهن
ان سبب هُو ڏوئيءَ جي
ڏبڻ ۾ مڪمل طور
ٻُڌي سگهندو آهي ۽ نہ
تري سگهندو آهي.

## فلسفو

شڪ کان يقين تائين
پهچڻ جي ڏاڪڻ
فلسفو آهي
فلسفي ذريعي اسان
پنهنجي ذات، ماڻهن
۽ فطرت سان مطابقت
پيدا ڪري سگهون ٿا.

## سڪون

ڏک سهڻ سان روح جي
پاڪيزگي ٿئي ٿي ۽ گند ڦٽ
ڳوڙهن ذريعي خارج ٿئي ٿو
اسان کي قطعي سڪون
(Catharsis) ملي ٿو.

## گڏيل شيون

سڀ حقيقتون
هڪ ٻئي سان جڙيل آهن
انهن کي نانءُ ڏيئي
اسان ڌار ڪندا آهيون،
جيئن
شين جو تصور سڀني
جي ذهنن ۾ ساڳيو
ايري سگهي.

## قول

**Whom the gods love die young**

ديوتائن جا پيارا جواني ۾ مرندا آهن
( جيئن، انهن جو جلال همدرديءَ
ثناء خوانيءَ
۽ پيرويءَ جي شڪل ۾ ظاهر ٿئي. )

## لچڻ

ڪُلچڙو
ڪُلچڙي رياست کي
سُلچڙو
سُلچڙي رياست کي
پسند ڪندو،
پسند ڪرڻ وارا
سيئي ماڻھو آھن
رياستون پڻ
ماڻھن جا آئينا.

## خودڪشي

خودڪشي پيٽ پرائيءَ
جي عياشين مان ھڪ (عياشي) آھي.

## تاجن جو تذڪرو

هن ستُ:
”يري جا پيٽ ڪنهن هڪ جو
اُها آسودگي ڪهڙي“
جي سرجڻهار کي پڙهيو
سائنس سفر ڪيو
معاملات ۾ پرکيو
تہ قداور شاعر ۽
وڙ جو سنو انسان نظر آيو.

## هڪ دفعو

خبر ناهہ پنهنجي عمر ڪيتري
بچي آهہ باقي
متان! ڪائي گولي
لڳي پئي اچانڪ پرين
متان دوست
دشمن کو
اغوا ڪرائي
پنهنجي ڳالهہ شايد جبرن مڃائي
هتي ڪجهہ بہ تي تو سگهي
پر انهيءَ ڪان اڳي
آءُ گرفتار تي
بات اوندهہ ۾ گم تي وجان
هڪ دفعو تو ڪي جانان!
ڏسڻ تو گهران

سنڌ ۾ پر ۾ تورو
وِهڻ تو گهران
ڏکو پنڌ منهنجو
ڪٿي هنڌ منهنجو
خبر ناهه مون کي
ڪٿي آهه وڃڻو
سُيان کي سُيان تي
ڇڏي تو ڏيان
رڳو شام هڪڙي
اها پڻ اڄوڪي
اوهان سان گذاري
حياتيءَ کي معنيٰ
ڏيڻ تو گهران
مگر پوءِ به مرضي
جي آهي اوهان جي!

# محبت

مرد ۽ عورت جي وچ ۾
محبت جنسي عمل کان بغير
مڪمل نہ ٿي ٿي سگهي

........

محبت آهي تہ خوشي بہ آهي

........

محبت پاڻ تي ضابطو رکڻ ۽
نظم و ضبط ۾ رهڻ جو درس ڏئي ٿي

........

محبت ڪي غلامي چوڻ ۾
ڪا خرابي نہ آهي، گڏجي
گذارڻ لاءِ هڪٻئي جي ڪاڻ
ڪڍڻي پوي ٿي.

........

محبت ۾ حساب
ماديت جي دور جو اثر آهي،
جنهن پٽاندر هر رشتو ۽
تعلق پئسي سان جڙيل آهي.

........

پئسو خراب نہ آهي
محنت سان ڪمايل هجي
ان سان محبت جو گل
پري پري تائين
پنهنجي خوشبوءِ ڦهلائيندو.

## انسانيت

انسانيت
جان جي سلامتي جو
احساس ڏياريندي
خيالن ۽ عقيدن جي فرق
کي برداشت ڪرڻ
سيکاري ٿي.

# حسن

عورت: مرد ايماندار هجي
سچ ڳالهائي
زندگي سماج لاءِ
وقف ڪري
پيار ڪري
خود-پسند نہ هجي
جوان هجي
ذهين هجي
تندرست ۽ توانو هجي
ٻارن سان پيار ڪري
دٻدٻي ۽ رعب وارو هجي
مرد: عورت جو چهرو وڻندڙ
انداز پروقار
ڊول متناسب هجي
لباس جو سليقو اچيس
وارن جي آرائش خوبصورت هجي

ميڪ- اپ ڪري
بنهه هلڪو، اهو به
پنهنجي ور لاءِ
پرڪشش نظر اچي
جنسي خواهش اياري
صفائي رکي
صحت جو خيال رکي
رڌ- پچاءَ ڄاڻي
ادب ۽ فن ۾ دلچسپي رکي
سير سياحت تي هلي
پريشاني ۾ صبر ڪري،
ور جو سات ڏئي
پنهنجي تڪليف لِڪائڻ جو
هنر ڄاڻي
تڪبر ۽ ڪم-ظرفي کان پاڪ
صلاحيتن ۽ ڪاميابين جي
اعتبار سان ڀرپور هجي.

## گِيان سَرُ

تصوف جو تلاءُ
ڏاهپ جو گيان سَرُ
ماٺهوءَ جو "من"
من جتي "مان" ( يعني ماني )
ماٺهپو
مانُ
ايمانُ
ڌيان گيانُ ڌن.

## خوشي

طلب جي خوشي
رسد سان مشروط آهي
طلب کان مٿاهين خوشي
اها بي نياز ڪيفيت آهي
جو طالب پاڻ مطلوب
۽ مطلوب طالب تي وجي ٿو.

## هن پُڇيو

مان ڪير آهيان؟
تون "خوشيءَ جي لهر"
(Thrill of joy) آهين
پوائتي رات کي شڪست ڏيندڙ
تون سحر آهين
سحر، جيڪا
پنهنجيءَ تڏڙي هير
۽ ڪير جهڙي روشني
سان جيئڻ جي آس
جاڳائيندي آهي.

## شاعر آهيان

هر لقب
الزام ۽ تهمت جي آجيان ڪيان ٿو
ڇا لاءِ تہ
آءٌ شاعر آهيان
هر سزا قبول آهي
اوندهہ جي خدائن طرفان
هر دور ۾ روشنيءَ جي
علمبردارن کي
ٿياس تي ٽنگيو
باهہ ۾ ساڙيو
يا دربدر ڪيو ويو آهي.

# ناڪارگي

صرف ايترو
انڊو ڳابرو
ڄاڻان ٿو تہ
شين ۾ ڳرڻ سڙڻ يعني
ناڪارگي (Entropy) جي رجحان
۽ قوت گهٽجڻ جي ڪارڻ
هڪ ڏينهن
وقت جي هٿان
شڪست کائي
ڏور
مستقبل جي وشال وادين ۾
هميشہ لاءِ هليو ويندس
بڌو آهي
اتي وقت جي گهڙي بيٺل آهي.

## مزاح

جنهن ۾
مزاح جي حِس
(Sense of humour)
نہ آهي، اهو
خوش نٿو رهي
۽ ٻين کي
خوش ڏسي
برداشت نٿو
ڪري سگهي.

## سُستي

”نہ هجڻ“ جي اُها
حالت جا ”هجڻ“
مان اهڙي صورت
اختيار ڪري، جو نظر
نہ اچي سستي آهي.

*اسان ممتاز مهر جا ٿورائتا آهيون. هن مواد کي تنقيدي نظر سان ڏٺو ۽ جتي ضروري سمجهائين ايڊٽ پڻ ڪيو.

# پارَ جي سُٽَ ۾ لِکل آهيان سانَ

نصير سومرو

شاعري دل جي ڪيفيت جو عڪس آهي، عڪس به اهڙو، جيئن سانوڻ جي پَني جي خوشبوءِ ۾ مهلا پنهنجي ور کي ياد ڪري آرس پچندي آهي.

باغ اندر قسمين قسمين وڻ، ٻوٽا، گل، مکڙيون، گاهه ۽ گس هوندا آهن. دل جي ڪيفيتن جا به ڪيئي رنگ ۽ روپ آهن. شاعر دل جي دنيا وسائي ٿو. هو لفظن ۽ انهن جي تصورن ۽ موسيقي جي ذريعي پنهنجن احساسن جو اظهار ڪري ٿو. احساس مرندا نه آهن، پر اهي روايت، ادب ۽ آرٽ جي شڪل ۾ هڪ کان ٻئي دور ۾ سيني بسيني منتقل ٿيندا آهن. ليجنڊ شاعرن جي ڪلاسڪ اپروچ ٿئي ٿي. انهن جا احساس عالمگير ٿين ٿا. انهن جي تخيل ۾ پورڻتا نظر اچي ٿي، پڙهندڙ شاعر جي احساس کي پنهنجو احساس سمجهندي، ان جو اثر قبول ڪري ٿو.

آرٽ احساس جو سينگاريل ۽ سنواريل روپ آهي. ناٽڪ ۾ فنڪار اثر ۽ جاذبيت پيدا ڪرڻ لاءِ ميڪ اپ ۽ ڊائريڪشن جو سهارو وٺي ٿو، شاعري ۾ احساسن ۽ جذبن جي سينگار ۽ سنوارَ اثر ۽ جاذبيت جون هدايتون "من" ڏيئي ٿو.

لفظ هڪ تصور آهي. هئيت يا شڪل بدلجي ٿي ته شيءِ جو نالو به بدلجي ٿو. ٻج، گونچ، سلو، ٻوٽو، وڻ، ڪاٺي ۽ فرنيچر الڳ نالا ۽ الڳ الڳ تصور آهن. ساڳي طرح، ٽڪو، ليڪ، ڪنڊ، ٽڪنڊو، چورس وغيره الڳ شڪليون، الڳ

نالا ۽ جدا جدا تصور آهن. شاعري جو احساس ۽ موسيقي جي لئي لفظن جي محتاج نہ آهي. البتہ، ڇاتل ۽ اڻڇاتل هر شيءِ جو هڪ ”الو آهي.

آئن سٽائن روس جي سائنسدان پوٽر لبيدوف کي ويهين صديءِ جو عظيم شاعر ڪوٺيو هو. هن سچ جي شعاع کي گرفت ۾ آڻي ان کي ماپي ڏيکاريو هو. آرٽ ۾ احساس جي سونهن کي محسوس ڪري سگهجي ٿو، ان کي ماپي نٿو سگهجي. انسان جي اندر ڇهون حواس (اندر جي اک) بہ ٿئي ٿو، جنهن سان اڻ ڇهيل تصور کي بہ ڇهي سگهجي ٿو.

شاعري وجداني ڪلام آهي. شاعري کي عالمي معيارن پٽاندر پرکڻ لاءِ چند صديون درڪار هونديون آهن. زندگي ۾ مڃتا ملڻ تہ مشڪل، پر شاعر کي بنهہ نظرانداز ڪيو ويندو آهي. ان جي باوجود شاعر مداحن جي دلين جي ڌڙڪن هوندا آهن. گهڻا شاعر پنهنجي خرچ، پي آر، عهدي ۽ ٻئي سماجي رتبي ذريعي مشهوري حاصل ڪندا آهن. مرڻ کان پوءِ وقت کين گمناميءَ جي کڏ ۾ اڇلائي ڇڏيندو آهي. ليجنڊ شاعر کي ڪو ارنيسٽ ٽرمپ گمناميءَ جي اونداهہ مان ڪڍي دنيا آڏو آڻي، سندس مهانتا کان آگاهہ ڪندو آهي.

تارا آسمان ۾ ٽٽندا ۽ جڙندا رهندا آهن. ائين جو مرڪز ٽٽي نوان مرڪز ٺاهيندو آهي. ٽٽل يا فنا ٿيل شيءِ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ موجود رهندي آهي. تصور ۽ خيال ”روايت“ جي صورت ۾ زندهہ رهندا آهن. روايت تاريخ کي جنم ڏئي ٿي. قومن جا احساس ريت کي جنم ڏين ٿا. جيڪو ڪم ڪيو وڃي ٿو، ان جي تاريخ جڙي ٿي. رسمن ۽ رواجن جي تسلسل کي ثقافت ۽ تهذيب چئجي ٿو. تاريخ ۽ ثقافت انسانن جي ٺيندي آهي. قوم ڌرتي، ٻولي ۽ ثقافت سان سڃاتي ويندي آهي.

سنڌي ٻولي هڪ قديم ۽ شاهوڪار ٻولي آهي. سنڌي ۾ ادب لکجي ٿو، ڇپجي ٿو ۽ پڙهجي ٿو. سنڌ اندر ٻيون ٻوليون

ڳالهائڻ وارا به آهن. پر سنڌي ادب ۽ آرٽ جا موضوع ڌرتيءَ سان جڙيل آهن.

شاعري جي حوالي سان، سنڌ خاص سڃاڻپ رکي ٿي. اها سڃاڻپ صوفي ازم جي آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام کي سڄي دنيا ۾ ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. ڀٽائي وڏو فلسفي شاعر هو. هن حسن کي ڳايو، ڪمزورن، ستايلن ۽ آدرشي ماڻهن کي پنهنجي فني ڪردارن طور چونڊيو. ڀٽائي جي ڪلام ۾ تصورن جو تمام اونهو اسرار نظر اچي ٿو.

ذوالفقار سيال روزاني خبرون لاءِ مون کان انٽرويو ورتو هو، جيڪو تاريخ 30 جولاءِ 2007ع واري اخبار ۾ ڇپيو هو. شاعري جي محرڪن بابت پڻ سوال پڇيو هئائين. ان جو جواب ذهن تي تري اچي ٿو.

1983ع ۾ شاعري شروع ڪئي. تڏهن سمي سنڌ ۾ ايم آر ڊي تحريڪ هلندڙ هئي. حالتون ذوالفقار علي ڀٽو جي ڦاهيءَ سبب سوڳوار هيون. ان کان علاوه غريب گهراڻي سان تعلق هجڻ ڪري انقلاب عام ماڻهوءَ جي بهتريءَ جي اميد نظر طور پئي آيو. اسي جي ڏهاڪي ۾ ڄامشورو ۾ زندگي جا چار پنج سال گذارڻ جو موقعو مليو ۽ خاموشيءَ سان حالتن کي پئي ڏٺم. مختلف سياسي ۽ علمي شخصيتن جي صحبت مان ڪجهه پرائڻ جو موقعو به مليو.

نائين اليون 2001ع جي آپگهاتي حملن دنيا کي ڇرڪائي وڌو. ان جو اثر به ورتو. انهن واقعن کان اڳ ۾ يعني 1999ع ۾ مڪمل سج گرهڻ ڏسڻ جو موقعو مليو. ٽيليويزن تي اهو منظر آمريڪي اداري ناسا جي تعاون سان سڌيءَ ريت ڏيکاريو ويو. عجب منظر هو. زمين پولار (Space) ۾ تري ٿي، پر جڏهن اها سج جي اڏو اچي ٿي ته سج گرهڻ ٿئي ٿو.

ويهين صدي جي عظيم فلسفي برٽريند رسل کان ڪنهن پڇيو ته، توهان زندگي کي ڪيئن ٿو ڏسين؟ وراڻي ڏنائين

ته دنيا سان مشڪل اها آهي ته بيوقوفن کي هر ڳالهه جي پڪ ۽ سياڻن کي وري شڪ آهي. هو وڏيڪ چوي ٿو ته جڏهن آءٌ ڪنهن فلسفي سان ڪچهري ڪندو آهيان، انين لڳندو آهي ته زندگي ۾ ڪو مزو نه آهي. پر جڏهن پنهنجي ماليءَ سان ڳالهيون ڪندو آهيان ته محسوس ڪندو آهيان ته زندگيءَ ۾ وڏو رَس آهي.

اندر جي اک پوٽيل هجي ته ظاهري اک جو دوکو اڌ سچ وانگر تمام خطرناڪ ثابت ٿئي ٿو. شيءِ الڳ الڳ ڪُندن تان ڌار شڪل جي نظر ايندي. اصل جو عڪس، عڪس جا عڪس، پلا سيئي حقيقتون ظاهري اک سان ڪيئن ٿيون پرکي سگهجن؟

اڄ جي دور جو سائنسدان، فلسفي استيفن هاڪنگ "A Brief History of Time" ۾ برٽرينڊ رسل جي هڪ ليڪچر جو تذڪرو ڪيو آهي. برٽرينڊ رسل چيو پئي ته، ڌرتي ۾ بيٺل ڌرتي دراصل سج جي چوڌاري لڳاتار ڦرندي رهي ٿي. سج هلندي ڦرندي نظر اچي ٿو، اهو اکين جو دوکو آهي. هال اندر ويٺل هڪ عورت ڪاوڙ مان اٿي بيٺي، رسل کي مخاطب ٿيندي چيائين، اها ڪهڙيءَ بڪواس پيو ڪرين ته، زمين خلا (پولار) ۾ ترندي رهي ٿي، ڌرتي ته (ڏند ڪٿا مطابق) ڏاند جي سڱن تي بيٺل آهي. برٽرينڊ رسل عورت کي سهپ سان پڇو. جواب ۾ صرف ايترو پڇيائينس ته، اهو ڏاند جيڪو ڌرتيءَ کي پنهنجن سڱن تي کنيون بيٺو آهي، پاڻ ڪهڙي شيءِ تي بيٺل آهي؟ عورت لاجواب ٿي وئي. پڻ پڻ ڪندي ڪرسي تي ويهي رهي.

*What a clever man!*
*What a clever man!*

(جيا ته، هوشيار ماڻهو آهي!)

شاعري زندگي آهي. زندگي عشق آهي. عشق ۾ انسان

جا هيٺا هٿ پهاڙن جا راڳا لاهي ڇڏين ٿا. عشق ۾ اڻ تارو شخص پڻ درياءَ پار ڪري وڃي ٿو. محبت ۾ ماڻهو سمنڊ اندر مڇ ڪي مات ڏئي اچي ٿو. عشق من جي دنيا آهي، سرت، آهي سگهه آهي، ساجاهه آهي. عشق ۾ انسان ٻيو جنم وٺي ٿو. هو عام کان الڳ ٿي وڃي ٿو. پر زندگي کان الڳ نه ٿو ٿئي.

عشق جا ڪيترائي نالا آهن. عشق محبت آهي، سِڪ آهي، اُڪير آهي. سڪ جو دائرو فقط ڪنهن انسان تائين محدود نه آهي. ساٿيهه سان به عشق ٿئي ٿو. مارن جي سڪ ۽ انهن سان لاڳاپيل هر شيءِ انهن جي خوابن، سپنن، احساس ۽ جذبن سان به محبت ٿئي ٿي. عشق محبوب جي خواهش جو احترام ڪرڻ سيکاري ٿو. محبوب پنهنجائپ جو نالو آهي. پنهنجائپ ۽ اوپرائپ گڏوگڏ رهي نه ٿيون سگهن. جيئن محبوب پنهنجو لڳي ٿو، تيئن سندس هر شيءِ پنهنجي لڳي ٿي. مان سچڻ ۽ ساٿيهه سان محبت ڪريان ٿو. ٻولي، ثقافت، تهذيب ۽ تاريخ سان محبت ڪريان ٿو. سنڌو درياهه ساٿيهه جي وجود ۽ ان جي سيپتا جي علامت آهي. منهنجين رڳن ۾ سنڌو جي ٿڃ آهي.

هڪ نجي ٽي وي چينل تي مشاعري ۾ سنڌيءَ ۾ شعر پڙهئو هو. غزل کان پهريون هيٺيون چار سٽون پڙهيم.

سنڌ ڌرتيءَ جو امن سان واسطو
چنڊ سان چنجي جيئن چانڊاڻ جو

.....................

آب ڪوثر جي تمنا لوڪ کي
مان گهران پاڻي مٺو مهراڻ جو

(ٻيهر ڦٽيءَ جا ماڪ ڦڙا)

حاضرين کي شعر وڻيو. مقرر مقرر تي پيرا ورجائي پڙهئو پيو. سچڻ ۽ ساٿيهه، ڪنهن اڻاسيءَ وسري!

آرٽ ۽ ادب ۾ تجربا ٿيندا رهن ٿا. جيئن شاعري جي

پنهنجي روايت آهي، تيئن نثر جي به تاريخ آهي. سنڌي نثر کي مرزا قليچ بيگ پنهنجي دور ۾ مالا مال ڪيو. هن عالمي ادب مان چوند ناول، ناٽڪ، آکاڻيون ۽ مضمون سنڌي ۾ ترجمو ڪيا. نثر ۾ ڪٿي به فارسي جي زير اضافت استعمال ڪونه ڪيائين. هو هڪ اڪيڊمي هو. ڪيس شمس العماء ڪوٺيو ويو ٿو. سائنس منسوب سنڌ ۾ لائبريري قائم ڪئي وئي آهي. پر سنڌس ڪيل علمي پورهي کي اڃان وڌيڪ مان ڏيڻ جي ضرورت آهي.

مرزا قليچ بيگ جي شاعري فارسي جي استعارن، تشبيهن، علامتن سان ڀريل آهي. تعجب جي ڳالهه آهي ته شاعري ۾ زير اضافت ڪم آندي اٿس، پر نثر ۾ انهيءَ شرڪ کان پاسو ڪيائين.

قليچ آزاد نظم به لکيو. آزاد نظم جديد شاعري جي اهم صنف آهي. ڪجهه عرصو پهريون ڪراچي ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ طرفان سنڌ: ماضي، حال، مستقبل جي سري هيٺ عالمي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي هئي. ڪانفرنس ۾ نصير مرزا مرزا قليچ بيگ جو اڻ ڇپيل آزاد نظم پڙهيو. جنهن جي زومعنى عنوان هيو. "مٺي" واهه! جو نظم هو. ان ۾ زير اضافت استعمال ٿيل نه هئي.

انگريزي ٻولي ۾ آزاد نظم گهڻو لکيو ويو آهي، اڃان به لکجي پيو. آزاد سوچ سان لکڻ ۽ پنهنجا ويچار ظاهر ڪرڻ لاءِ انسان وڏيون قربانيون ڏنيون آهن.

سترهين صدي ۾ يورپي ٻولين ۾ فڪشن لٽريچر کي وسعت ملي، فڪشن/افسانه نويسي حقيقت کان هٽيل، من گهڙت پر خوبصورت ادب آهي. شاعري هجي يا نثر، عالمي ادب جون رومانوي لکڻيون، فينٽاسٽڪ آهن. فينٽيسي سان ڀريل آهن. فينٽيسي ۾ ليکڪ اجنبي دنيا جو سير ڪرائي ٿو. ڊڪشنري ۾ اصطلاع (Strange as romance) پڻ لفظ

رومانس مان جڙيو آهي. گوئٽي جي نظر ۾ رومانس هڪ بيماري آهي، عذر آهي. جڏهن ته ڪلاسيڪيت صحت آهي.

سيني رومانين ۾، چاهي اهي فرانس، انگلينڊ، وچ اوڀر توڙي اٽلي ۽ لاطيني ملڪن ۽ يونان جا شاعر، اديب ۽ آرٽسٽ هجن، هڪ شيءِ مشترڪ آهي: سرمائيداري کان نفرت!

جيئن پهريون ئي ذڪر ڪيم ته انگريزي شاعري بنا قافئي نظم (Blank Verse) ۽ آزاد نظم (Free Verse) سان ٽمٽار آهي، ان بابت شمشير حيدري جو ڪتاب آزاد نظم جي اوسر پڙهڻ وٽان آهي. ڪتاب جي شروع ۾ هڪ نظم نموني طور ڏنل آهي. پڙهندڙن کي تشنگي نه رهي، اهو پيش ڪريان ٿو.

"رات، پوئين پهر،
نيري آڀ جي اترين طرف ڀڻ ننڊين
روشن تارن پاڻ ۾ سس پس ڪئي
پنهنجا ڪن سر لا ڪري!
مون ٻڌو........
هڪ ننڍي نيٽي ستاري پنهنجي وڏڙي کان پڇيو
ڇو اسين پنهنجو نچويون پيا ٿا نور؟
ڪنهن جي لاءِ؟
ڇا جي لاءِ؟
وڏڙي تاري سوچي سوچي هيئن ورائيو،
منهنجا ٻچڙا، جيئن پيا چمڪڻ سکن"
(نعيم دريشاڻي)

فرانس جو ادب انقلابن ڪانپوءِ داستان مان ناول ۽ ڏند ڪٿائن مان وجودي فلسفي تائين پهتو. اڄ ترائيل (اٺ سٽن واري شاعري جي صنف) تلور (پکي) جي تنوار وانگر اداس دلين کي سرهو ڪري ڇڏي ٿو. سنڌي ٻولي ۾ شيخ اياز سٺا ترائيل لکيا آهن شيخ اياز ترائيل جي فني گهڙت ۾ لاجواب تجربو ڪري تبديلي آندي آهي. اياز ترائيل جي صنف ۾ لفظن جي

اجائي ورجاءِ کان پاسو ڪيو آهي.

ادب جي گلدستي کي سيني گلن جي ضرورت آهي. ائين ٿي نہ ٿو سگهي تہ گلاب آهي تہ. موتيو ڇا لاءِ، موتيو آهي تہ گلاب ڇا لاءِ.

هندستاني ٻولين تي ليڪچرن تي مشتمل ڪتاب "گارسان دتاسي" ۾ موصوف پروفيسر ڄاڻايو آهي تہ "هابيل جي شهادت تي حضرت آدم مرثيو (Elegy) لکيو هو. هُو وڏيڪ لکي ٿو تہ، جيئن زمين خالي ۽ نباتات کان عاري نہ ٿي رهي، تيئن ڪابہ ٻولي شاعري کان بغير رهي نٿي سگهي."

اردو ۾ پڻ شاعري ڪيم. سنڌي، اردو مشاعرن ۾ اردو طبعزاد غزل ۽ هائيڪا پڙهيا اٿم. نموني طور پنهنجا ڪجهہ شعر هيٺ ڏيان ٿو.

شب وهي تاريک هي ظلمات کي
روشني کو کيا هوا، ويسي نهين

......................

بيوفا بادل چلو! اپني جگهہ
تشنگي کو کيا هوا، ويسي نهين

......................

هم نهين عاشق رهي الزام کيون
دلبري کو کيا هوا، ويسي نهين.

......................

جي رها هون کم نهين يہ حوصلہ
زندگي کو کيا هوا. ويسي نهين

(لاءِ ڪاليج ڪراچي جي منگزين ۾ ڇپيل)

اردو ٻوليءَ جي پلوڙ شاعر رفيع الدين "راز" شعر ٻڌڻ کانپوءِ مونکي ٻڌايو تہ، اردو ۾ بادلن کي بيوفا سان تشبيهہ ڏيڻ وارو پهريون شاعر مان آهيان. همتائينديءَ چيائين، آءٌ سنڌي کان اردو ۾ سٺي شاعري ڪريان ٿو. رفيع الين راز کان علاوه آفاق صديقي، خيال

آفاقي، سيف الدين سيف، ذڪي عثماني، تشنا بريلوي ۽ ٻين سان گڏجي مشاعرن ۾ حصو ورتو اٿم ليڪن اڄڪلهه طبيعت جي ناچاقيءَ ۽ معاشي تنگيءَ ڪارڻ ادبي پروگرامن ۾ گهٽ شرڪت ڪندو آهيان. نورمحمد شيخ جي ميزبانيءَ هيٺ پي ايم اي هائوس ۾ ٿيندڙ ماهوار عوامي ادبي گڏجاڻين ۾ وڃڻ سان، گهڻو ڪجهه پرائڻ جو موقعو ملندو هو. گلوگڏ اردو ادب جي نون فڪري لاڙن جي ڄاڻ ملندي هئي.

ادبي ڪيتر ۾ جيڪا عزت، مانُ مرتبو ۽ مڃتا فقط ادبي پورهئي، صلاحيت ۽ حاصلات جي آڌار تي ملي ٿي، ان سان دل باغ و بهار ٿي وڃي ٿي. ذڪي عثمانيءَ اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي شاعرن تي تاثراتي هائيڪا لکي ڪتاب "خد وخال" ڇپرايو آهي. سائنس خاص ڊيٽ ويٽ به ڪانه هئي. ادبي پروگرامن ۾ رسمي عليڪ سليڪ ٿيندي هئي، منهنجي ڪنهن نه ڳالهه ڪيس اتساهيو، جو مون تي هائيڪو لکيو اٿائين. وڏي پيار ۽ پاٻوهه سان نالو لکي ڪتاب به ڏنائين.

اڳ مشاعري جو شاعر ڪونه آهيان منچ تي اچڻ کان لنوائيندو آهيان. شعر پڙهڻ جو ڍنگ به وڏو فن آهي، اهو فن مونکي اچي ٿو، پر تمام گهٽ.

ڪتاب "جل تي ڪنول جيئن" ۾ هائيڪا به شامل آهن. نمونې طور ڪي هائيڪا پيش ڪريان ٿو.

آڪيرو اجڙيو
پيرائي! تون پير سڃاڻ
پنڇي ڪنهن پڪڙيو

......................

تنها ميلي ۾
شام جو اڪثر ايندو آن
ياد اڪيلي ۾

هن ڪتاب ۾ چوسِتا. نظم ۽ غزل ٿوري تعداد ۾ پر احساس ۾ اثرائتا نظر ايندا. شاعري جا ٽي ڪتاب گنج آهن، اگتي حالتن اجازت ڏني ته وڌيڪ ڪتاب به ڇپجي سگهجن ٿا.

مهاڳ، لکي ٿو ته ڏکهو ٿي ويندو، پر جيون ڪٿا به ته آهي! هريڪليس جو قول آهي ته:

"اوهان دريا ۾ ٻيهر لهي نٿا سگهو، ڇا لاءِ ته، درياهه هر پل بدلجندو رهي ٿو"

ويهين صديءَ ۾ وڏيون تبديليون آيون. تبديلين جو سلسلو جاري آهي. شعور تبديلي جو محرڪ آهي يا تبديلي شعور جو محرڪ آهي؟ اهو سوال اڃان حل طلب آهي.

جديد ادب ۾ بي معونيت اضطراب (Anguish) جو نتيجو آهي. بي معونيت شڪ پيدا ڪري ٿي، شڪ سڪ سان ساهه ڪڍڻ ٿو ڏئي. جديد ادب ۽ آرٽ ۾ وڏيون تبديليون آيون آهن ۽ اڃان به تبديليون اينديون.

مون شاعري ۾ جديديت جي هڪ اهم صنف علامت نگاري کان به ڪم ورتو آهي، ادب جي هن صنف ذريعي اڻ ڏٺل سچاين کي اظهار واسطي ڪتب آڻبو آهي. علامت نگاري خالص ادبي وٿ آهي. جيئن پهاڪي ۽ محاوري جي ظاهري معنيٰ هڪڙي، اصلي معنيٰ ٻي هوندي آهي، تيئن علامت ۾ به ساڳي فني خوبي آهي. منهنجو نظم "ڪٺڪ داٿو" پڙهي ڏسو! ڪجهه نظم ترجمو ڪيل به آهن. انهن جو گهڻو تعداد نه آهي. ڪجهه ته سنڀالي ڪونه رکيا، جيڪي ريڊيو پاڪستان ڪراچي جي هفتيوار پروگرام "رسالي" ۾ عالمي ادب مان چونڊ اسم طور پڙهيا هئا. شيڪسپيئر جي مشهور نظم (Under the green wood tree) "چيٽ جي ساوڻ وڻن جي ڇانو ۾" جون ڪجهه سٽون آهن ته.

اچو!
اچو!
او دوستو
وک وڏي وڻڪار ۾
چيٽ جي ساون وڻن جي ڇانو ۾!
هت بکيرو ڪوبہ ناهي
۽ وڏيرو ڪوبہ ناهي
جو ويڙهائي راڄ سارو
ووٽ جي وهنوار ۾
چيٽ جي ساون وڻن جي ڇانو ۾!

ساحر لڌيانوي جي شاهڪار نظم "تاج محل" جو ترجمو بہ ڪيو اٿم. هيءُ نظم سچل ڳوٺ ۾ مشاعري ۾ پڙهيو هو. مشاعرو سرحد پار کان آيل اديبن جي مان ۾ ڪوٺايو ويو هو. نظم جون ڪجهہ سٽون ڏيڻ چاهيان ٿو.

تاج الفت جي نشاني تون يلي
سمجهين تہ سمجهہ
۽ رنگين وادي عقيدت جي يلي
سمجهين تہ سمجهہ
پر پرين! مون سان تہ تون ڪنهن ٻي
جڳهہ تي مل اچي.......
مرتبي جي ماڳ ماڙين کي
ڏسين ها ڪا گهڙي
ڪجهہ تہ سوچين ها
وفائن جي لکل تشهير تي
مردا شاهن جي مزارن تي ريجهڻ وارا رفيق!
پنهنجي گهر جي ٻاٽ اوندهہ
کي ڏسين ها ڪا گهڙي.......
ڪيئن دولت جي سهاري

شهنشاهه ڪنهن شوق ۾
پاڻ جهڙن سڀ غريب جي
محبت سان مذاق
او پرين! مون سان ته تون ڪنهن
ٻي جڳهه تي مل اچي.......

هڪ قطعو مهمانن جي آجيان طور لکيو هو، جنهن ۾ مگٺهار ڪي ساراهه ڪانه هئي، بند هو ته،

سڪ ڪڏهن سوگهي نه ٿيندي سرحدن جي قيد ۾
واءُ ڪي آزاد ڇڏ ايندو رهي، ويندو رهي

منهنجي شاعري ۾ ابدلٽ جا ست رنگ به شامل آهن. انهن رنگ اڃو ابديت (Eternity) کي ظاهر ڪندڙ به ملندو. ڏهن ٻه،

هجي ڪاڻ خوبين جي ۽ خامين کن ٻنهه آجي
نه پنهنجي زندگي اهڙي، نه پنهنجي شاعري اهڙي

- مون شاعري ۾ جديد ۽ قديم اسلوب کي گڏ ڪنيو آهي. آرٽ ۾ اڄڪلهه اهو لاڙو رائج آهي، يعني مڪسنگ، ريمڪسنگ! پراڻن گانن کي جديد سازن جي پس منظر ۾ پيش ڪيو پيو وڃي. اوائلي گانن جي ڌنن ۽ ٻولن ۾ انگريزي شاعري جي آميزش نظر اچي ٿي، اهو وٽندڙ تجربو آهي. وايون جديد، نيم ڪلاسيڪي ۽ ڪلاسيڪي انداز ۾ لکڻ جو تجربو ڪيو اٿم. انهن مان ڪجهه ستون هيٺ ڏيان ٿو:

سَرَ ۾ سانجهيءَ ٿاٽي ڪا، ڪنڍي جيئن ڪنار
آءُ اڪيلو اوپرو

......................

ونڊ پڙيءَ وهنوار يار، پاڇي ۾ پڇتاءُ

......................

آس غريبن ٻارن جي، چانهين جي ڪا ڦار يار
پاڇي ۾ پڇتاءُ

......................

آدم مان انسان، ميان! آزادي ايمان

......................

آپي جو ايمان مري، ڌوڙ ڏيو ڌنوان
آدم مان انسان!

......................

دل ۾ ڌڪ دليل جا اڳتي چا امڪان ڪان
پاڇولا پولار ۾

......................

وِيچارن جا وار، ساڳوٺا سنسار ۾

......................

اٿجن اڪيچار پيا، چار منجهانئون چار
ساڳوٺا سنسار ۾

......................

ڏاڍائيءَ جي ڏڏ تي، والاريا واپار
ساڳوٺا سنسار ۾

......................

ٻئي جي ٻاريل باهه ۾، ٻارڻ منهنجا ٻار
ساڳوٺا سنسار ۾

چِٽر چنگاريءَ وانگر ٻيلن ۾ نه باهه لڳائي ٿي، نه ڪا وڏي تبديلي آڻي ٿي. بس! ستل ۽ بي حس ماڻهن جي حواسن کي سنهي چونڊڙي وجهي ٿي. ان جي شدت جو مدار چٽرڪار جي فن، اٽڪل ۽ حرفت تي ٻڌل آهي.

ڇڙ منهنجي شعر ۾ ججهي ملندي. اها سماج جي هر منفي لاڙي تي ٽيل آهي. ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا.

..............................

چوندا جو چوبول ۽ چُپ چُپ نصيب
ڏينهن ٻن ڪان ڏاتو، پانو خواب ڪو.

..............................

سٽل هئي جواني ٻُڌي وَرَ جي پر ۾
سڄي رات رُنديون رهيون آتمائون

آتما لفظ مذڪر آهي. هونئن، قاعدي موجب، لفظ جو آخري اکر الف هجڻ ڪري مونث آهي، ان ڪري آتما کي مونث طور لکيو آهي. ٻه ٻيا شعر پڙهي ڏسو!

اڙي! سچ مان، مان ڇڏي ڏس زمين تي
ڪٿي تو ڪان گهٽ ئي ٻتيءَ کي سلام ڇئو

..............................

هڪڙي رب جو روڳ چڱو هو
اربابين آلام ڪنياسون

..............................

شرافت جي چادر ڪري زيب تن
ٻندن سان، خدا سان سين سان دغا

..............................

ڪاريءَ جو هو ڪنڌ ڪپي تو
پاڻ پلا چا ڪارو ڪونهي
ن. س

فنا ٿيڻ ڍهي پوڻ 'Collapse' آهي. برباد ٿيڻ، ناس ٿيڻ 'Destruction' آهي. ٽٽڻ، ڀاڱا ٿيڻ، تحليل ٿيڻ، جيئن ڪيمائي

عمل ٿئي ٿو. اهو "Decomposition" آهي. جا شيءِ جڙي ٿي، اها ڊهي ٿي. جو ڄمي ٿو، سو مري ٿو. مرڻ ۽ انتقال، ٻه جدا جدا لفظ ۽ الڳ الڳ تصور آهن!

مصري ڏند ڪٿا موجب ڦونيڪس نالي اڪيلو پکي (جوڙيوال ڪانسواءِ) عربي رڻ پٽ ۾ رهي ٿو. ان جي عمر 500 کان 600 سال ٿئي ٿي. بعد ۾ هو خود کي باهه ڏيئي ڇڏي ٿو. جيڪا خاڪ يا رک بچي ٿي، ان مان هو ٻيهر زنده ٿي پوي ٿو.

اٽلي جو شاعر فرانسسڪو پيٽرارڪ ظاهر طور مري ويو هو. غلطي کان بچڻ لاءِ (An Attempt to Error) هن جو مڪاني قانون مطابق لاش ويهن ڪلاڪن تائين رکيو ويو. دفنائڻ کان چار ڪلاڪ پهرين لاش بستري تي اٿي ويٺو. ان کانپوءِ، هن ٽيهن سالن تائين وڌيڪ زندگي گذاري ۽ نظمن (Sonnets) جو بهترين ڪتاب لکيائين.

جيو گهرڙا (Cell) سائنسي تحقيق موجب جاندار (Cellular) شيءِ جي ڪل ۾ هڪٻئي سان جڙيل هوندا آهن، جن تي تيل جا تهه چڙهيل هوندا آهن. اهي جيوگهرڙا روزانو ڪروڙن جي تعداد ۾ مرندا رهن ٿا. اصولن اهو چئي سگهجي ٿو ته اسان زنده به آهيون ۽ مئل به آهيون. ائٽمي سائنس جي قاعدي (Pauli Exclusion Principle)مطابق، "هڪ مٽ ۾ ٻه گدرا ماپي نه سگهندا آهن":

(Very, very roughly equivalent to saying that two things can not Occupy the same place at the same time)

چئبو ته، ڳالهه اچي اٽي بيهي ٿي ته موت جو "درجو" ٿئي ٿو، يعني ماڻهو ڪيتريقدر زنده رهي ٿو ۽ ڪيتريقدر مئل هجڻ جي صورت ۾ دفنايو، جلايو يا ڳجهن کان کارائيو وڃي ٿو.

اڪثر ڏٺو ويو آهي ته اسپتالن ۾ مردا پوسٽ مارٽم وقت اٿي ويهندا آهن. ايئن، هڪ ڊاڪٽر مردي جو پوسٽ مارٽم ڪرڻ لاءِ پهريون چيرو ڏنو ته، مردو اٿي ويٺو ۽ ڊاڪٽر

جي ڳچي ۾ هٿ وڌائين. ان واقعي جو نتيجو اهو نڪتو، جو ڊاڪٽر صدمي (غلطي جي احساس) ۾ پنهنجي حياتي وڃائي ويٺو.

مان موت ۽ زندگي جي انتها واري حد ڏسي آيو آهيان. پنجتيهه سالن جي عمر ۾ اين آءِ سي وي ڊي ڪراچي ۾ تاريخ 4-01-1999 تي ڪارڊيو سرجن ڊاڪٽر تقويءَ منهنجي آپريشن ڪئي. هن هڪ مڪينيڪي وال (Prosthetic valve) منهنجي دل ۾ لڳايو. آپريشن تي وئي پر بخار تي پيو. ڳالهه اين آءِ سي وي ڊي جي ڊاڪٽرن ڪان چڙهي وئي ته مونکي آغا خان يونيورسٽي اسپتال ڏانهن موڪليائون.

آغا خان اسپتال ۾ ڊاڪٽر سلمان بي حسن منهنجي آپريشن تاريخ 31-01-1999 تي ڪئي. سرجري ڪان پوءِ منهنجيءَ دل ڪجهه وقت لاءِ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو. مشين تي اي سي جي جون لهرون سڌي ليڪ ۾ بدلجي ويون. وارثن کي منهنجي باڊي ڪڻائي وڃڻ جو چيو ويو. خبر هوا وانگر ڦهلجي وئي. چون ٿا (مان ته بيهوشي جي حالت ۾ هوس) ڳوٺ به اطلاع ڪيو ويو هو..... ته تياري ڪريو!..... ڪڻائي ٿا اچون. خبر پڌي اسپتال ۾ قريدارن جا ڪنڪ اچي لٿا هئا. تاجل بيوس، ڪمال چامڙو، حجت عباسي، نويد سنديلو ۽ پيا اديب آيا هئا. دل اوچتو پمپنگ ڪرڻ شروع ڪري ڏني ۽ مان جيئرو تي ويس.

جانورن تي تحقيق ڪندڙ ڊيوڊ لونگ اسٽون تي هڪ شينهن حملو ڪري وڌو. شينهن سندس پنيءَ تي چڙهي ٻه چنبا ڪلهي تي رکي چيرڻ ۽ ڦاڙڻ شروع ڪري ڏنو. ان وقت ڊيوڊ کي ائين محسوس ٿيو ته هُو گهري خواب جي ڪيفيت ۾ آهي، جنهن ۾ تڪليف يا خوف جو احساس نه هو. هن ڪيفيت جي ڪري ڊيوڊ ڪا مذاحمت يا حرڪت نه ڪئي. شينهن اوچتو سندس پنيءَ تان لهي ويو ته، ڊيوڊ کي پنهنجي جان بچائڻ جو موقعو ملي ويو.

باهه وسائينڊز امدادي ڪارڪن (Fire Walkers) ڪنهن کي باهه مان ڪڍندي، ڪڏهن ڪين به باهه وڪوڙي ويندي آهي، پر انهن کي سڙڻ جي تڪ! ايف جو احساس نه ٿيندو آهي. ليال واٽسن ساڳي ڳالهه مذهبي فدائين (آپگهاتيز) سان به لاڳو ڪري ٿو.

دل جي آپريشن بعد مان نهايت ڳنڀير جوکي حالت ۾ هوس ته، ان وقت مونکي هرطرف پنهنجو پرين ئي پرين نظر آيو. هن مونکي دردن جي دلدل مان ڪڍي پنهنجن هٿن تي کنيو. مان تڪليف ۾ هوس، پر پرينءَ سان ڳالهين ۾ تڪليف جو احساس ڪونه هو. درد ڦري دارون ٿي پيو.

آپريشن جي هڪ سال بعد اسٽيل مل ۾ منهنجي نوڪري ختم ٿي وئي. ڊپارٽمينٽ ۾ مئنيجر عبدالله سئي هلت وارو انسان هو. نوڪري جي تڏا ويڙهه ٿي وئي، ان ڪانپوءِ مون همسفر دوستن کان موڪلايو پئي ته عبدالله چيو، سومرو! هڪ ڳالهه ذهن ۾ ياد رکجانءِ! تنهنجي صحت لاءِ ڪعبي ۾ دعا جو اهتمام ڪيو ويو هو. تون بيمار هئين ته سڄو پلانٽ پريشان هو، توکي بچائڻ لاءِ اختيارين علاج جي خصوصي اجازت ڏني. اهو سڀ ڪنهن ڪيو؟ تون نه ڪنهن وڏي گهراڻي جو، نه اثر رسوخ وارو، آخر ڪنهن سنائي ڪئي؟ سوچجانءِ! کهڙي هستي هئي، جنهن ماڻهن جي دلين ۾ تنهنجي لاءِ همدردي پيدا ڪئي. دنيا ۾ ڪروڙين ماڻهو خدا کي ياد ڪندا آهن، انهن ڪروڙن ماڻهن ۾ خدا توکي ياد رکيو، آخر ڇو؟ ضرور تو دنيا ۾ ڪا چڱائي ڪئي هوندي، جا خدا کي وڻي وئي يا وري توکي پنهنجي فضل لاءِ چونڊيو اٿائين، جو مرڻ بعد توکي جيئرو ڪري دنيا ۾ آندو اٿس. سوچجانءِ جيڪو توکي زندگي ڏئي سگهي ٿو، سو توکي ماني نه ڏيندو! اسان ٻڪري ڌاريندا آهيون ته ان جي گاهه پاڻي جو بندوبست ڪندا آهيون، ته ڇا توکي خدا اڪيلو ڇڏي ڏيندو. خدا کي ياد

ڪندو رهجانءِ سڀ سٺائيون ٿينديءَ. اڪيون آليون آهن. ڀٽائي جو بيت آلاپيان ٿو ته،

جنين ڏاند نہ ٻج، تنين تنهنجو آسرو
پوءِ اپارين سڄ، اول ڏئين انهن کي

ابن عربي جو فلسفو چيني تائوازم جي گهڻو ويجهو آهي. ان کي تصوف (Pantheism) جو آئينيدار سمجهيو ويو ٿو. تائو مطابق فطرت جا تضاد اکين جو دوکو (optical Illusion) آهن. تائوازم جا ٻي وڏا شارح ٿي گذريا آهن، لائوزي، چئانگ زوءِ يانگ. لائوزي ڪنفيوشس جو همعصر هو. لائوزي فطرت جي ماهيت بابت چوي ٿو ته "فطرت تائو مان جنم وٺي ٿي، جنهن جو ڪوبہ نالو نہ آهي.

هر شيءِ پنهنجي ذات ۾ وجود (Being) آهي. تائو ڪا شيءِ نہ آهي (سائنس مطابق، جيڪا شيءِ توري ۽ ماپي سگهجي ٿي، اها شيءِ وجود رکي ٿي). تائو عدم وجود (Non-Being) آهي. فطرت قانون تي عمل ڪري ٿي. فطرت جو مجموعو تائو آهي".

مونکي زندگي ملي آهي. ڏوڪڙ ڏيئي خريدي نہ آهي. اها فطرت جي بخشش آهي، جا فطرت جي اونداهين گفائن مان اوچتو آئي ۽ اوچتو کسجي ويندي. بخشش ۾ مليل شيءِ کي حق ٿو چئي سگهجي.

زندگي ۾ تجربا علم ۽ ڏاهپ ۾ اضافو ڪن ٿا. علم انسان جي جبلت ۾ شامل آهي. ڇاول ٻار جو ڪير پيئڻ وارو ادراڪ سندس جبلت آهي.

ڪمپيوٽر جو هر نئون هارڊ ويئر پاڻ سان سافٽ ويئر کڻي ايندو آهي. جيئن عمر وڌي ٿي، تيئن علم ۽ ڏاهپ ۾ پختگي ۽ سنجيدگي اچي ٿي. ٻار وڏن جي نقل ڪري سگهندو

آهي. ان جي شروعات گهر کان ٿيندي آهي. آءٌ خوش نصيب آهيان جو يونيورسٽي سطح تائين سائنس جو علم حاصل ڪيو. گڏوگڏ بيمارين، ۾ پيرا سينو ڪلڻ. وڏي اداري ۾ آفيسر رهڻ. شاعري جي سڌ ٻڌ هجڻ. شادي ڪرڻ. ٻار ٿيڻ. ڪتاب ڇپيل هجڻ ۽ ٿورو گهڻو مشهور ٿيڻ ڪري گهڻا وهم ۽ وسوسا ۽ حسرتون مائيون ٿي ويون آهن.

رياست ۽ نظامت جي وهنوار ۾ عملدار هيٺان کان مٿي طرف وڌڻ کي ترقي سمجهي ٿو، پر صوفيائي رنگ ۾ ائين نه آهي. روايتي مزارن واري تصوف کان هٽي، مونکي جيڪو روحانيت جو ڏڳ مليو. اهو مٿان کان هيٺ لهي، لاپ پرائڻ سان مليو. اها نماڻائي (Meakness) آهي. ڪٿي هڪ کان 9 ڏاڪڻ مٿي چڙهڻ ۽ ڪٿي 9 کان هڪ ڏاڪڻ هيٺ لهڻ! نو کان مٿي چڙهڻ لاءِ انگ کي ٻڙي (Zero) کپي. هڪ کان هيٺ لهڻ لاءِ پنهنجي ذات جي نفي (Nagativity) جي ضروري آهي. نفي جي نفي ۾ ثبات آهي، ان جو تجربو ڪيو. من تجربي ۾ تمام گهڻيون مشڪلاتون ڏسڻيون پيون. دوئي تائين پهتس، نه هيڏي، نه هوڏي! پڻائي جي سٽ ذهن تي تري اچي ٿي، جنهن جو مان تفسير ٿي ويو آهيان.

"صوفي لا ڪوفي، ڪونه پائينس ڪير"

"اندراجارڻ" جي عمل مان گذرڻ دوران پيش آيل تڪليفن تي غور ڪرڻ سان اهو سمجهه ۾ آيو ته جڏهن زندگي جٽادار نه آهي ته نفعي نقصان جو ليکو چي معنيٰ دارد!

عمر کهڙو ڪجي ليکو
ته پاڇي ۾ ٻڙي آئي!
ن. س

دلبر هن دنيا ۾ وچي رهندو واس! (شاهه)

فڪري ۽ ذهني غربت نه هجي ته هُوند حالتن جي بگاڙ ۾ به محبوب سان چانڊوڪيءَ رات ۾ اڪيلي ملڻ جا سپنا ڏسي سگهجن ٿا. پي صورت ۾:

*Alas, I have not hope nor health, nor peace within nor calm around.*

غالب چوي ٿو ته:

تنگ دستي نه هو اگر غالب
تندرستي هزار نعمت هي

غير يقيني ڪيفيت جي ڪري، وطن عزيز جون حالتون گنڀير آهن. ان جي باوجود جوزف آگسٽائن (1796-1845) جي سٽ ورجائيان ٿو ته

*Meet me by moonlight alone.*

جيتوڻيڪ مندون ساڳيون نه ٿيون رهن، ڪڏهن سيارو، ڪڏهن اونهارو، ڪڏهن سرءُ، ڪڏهن بسنت، هاءِ! ڏک ۽ پوڳنا جي مند سدائين ساڳي رهي ٿي.

مان نراشا وادي (Passimist) آهيان؟ نه، نه، هرگز نه! آءٌ زندگي ۾ ويساهه رکان ٿو. زندگي پنهنجا رنگ روپ مٽائي ٿي ته منهنجيون ڪيفيتون ۽ سوچون به بدلجڻ لڳن ٿيون. سائنس چوي ٿي ته: "جتي زندگي آهي اتي آڪسيجن آهي" پاڻي آڪسيجن ۽ هائڊروجن جو مرڪب آهي. زمين جي مٽيءَ ۾ سٺ سيڪڙو سليڪا آهي، يعني سليڪان ڊاءِ آڪسائيڊ ۽ آڪسائيڊ مان مراد آڪسيجن آهي. پاڻي جي سمورين شڪلين ۾ آڪسيجن زندگي جي علامت آهي، ڳوڙها هجن، برسات جون بوندون هجن، ڊيليون هجن، ڊورا هجن، پلر جي پالوٽ هجي، درياءَ جون موجون هجن، سمنڊ جون ڇوليون هجن يا ڪُنن جا ڪڙڪا هجن، ماڪ جا ڦڙا هجن يا زم زم پاڻيءَ هجي، ڌرتيءَ جي هر شيءِ ۾ آڪسيجن (زندگي) موجود آهي. البته ان جون صورتون ڌار ڌار آهن،

اسان کي ان جو ادارڪ نہ آهي.

منهنجي پهرين ڪتاب "پرهہ ڦٽي، جا ماڪ ڦڙا" ۾ ماڪ جو ذڪر مليو. ٻئي شعري مجموعي "ورڪانيءَ وسن مِ" ورڪا يعني برسات ۽ نيڻ معنيٰ ڳوڙهن جو تذڪرو مليو. ٻئي شيون پاڻي هجڻ ڪري زندگيءَ ۾ منهنجي ويساهہ کي ظاهر ڪن ٿيون.

محبت ۾ زندگي ۽ موت جو فرق ختم ٿي وڃي ٿو. غالب چوي ٿو تہ!

محبت ۾ نهين فرق مرني اور جيني ڪا
اسي ڪو ديک ڪر جيتي هين، جس ڪافر پہ دم نڪلي

*(Life and death are much the same)*

آءُ ڏکي ۽ محتاجي واري زندگي ۾ ويساهہ نٿو رکان. جيترو جيئرو آهيان، خوش گذارڻ جو خواهشمند آهيان:

ڏکي زندگي ۾ رکيو ڇا نصير
جهد ۽ بقا جي گهڙيءَ کي سلام چئو
ن. س

ابراهم ڪائولي (1618-1667) جون سٽون آهن:

*I would not fear, nor wish, my fate;*
*But boldly say each night:*
*Tomorrow let my sun his beams display;*
*Or, in clouds hide then, I have lived today.*

جن مائهن جا غير معمولي تجربا ۽ مشاهدا ٿيل هوندا آهن، اهي سموري واٽا ورڻ بين ٿائين پهچائڻ کان قاصر آهن، چاڪاڻ تہ، ان لاءِ نئين رسائي (Approach) نوان رويا ۽ مڪمل طور نون لفظن ۽ اصطلاحن جو ذخيرو هجڻ ضروري آهي. اسان

وت اهي شيون موجود نہ آهن. مطلب تہ شاعر پنهنجي سموري محسوسات بيان ڪري نہ ٿو سگهي. البتہ ان جو عڪس سندس تخيل مان ظاهر ٿئي ٿو.

تخيل هڪ سوچ آهي، جنهن جو حواسن جي ذريعي مشاهدو ڪري سگهجي ٿو. پر انهن اونهين سوچن ۽ تصورن کي بہ وجداني ڪيفيت ۾ ڇهي سگهجي ٿو. جيڪي لامحدود آهن، اهي ذهن جي محدود ٿانءَ ۾ سمونجي نہ ٿا سگهن. ڇا لاءِ تہ سراسري ذهانت واري ماڻهو جي دماغ ۾ ماضي جي تجربن جي ڪمپيوٽر وانگر پروگرامنگ ٿيل هوندي آهي ۽ ڪمپيوٽر پروگرامنگ مطابق ئي پنهنجي ڪارڪردگي ڏيکاري سگهندو آهي. البتہ ڪمپيوٽر ۽ انساني ذهن ۾ اهو فرق آهي تہ انسان ارادو رکي ٿو ۽ هو ڪنهن بہ سانحي، صدمي يا حادثي جي نتيجي ۾ غير معمولي تجربن ۽ مشاهدن کي ڇهي سگهي ٿو. آرٿر ڪوئسلر پنهنجي آتم ڪهاڻي ۾ لکي ٿو تہ جڏهن فرانڪو جي فوجين کيس موت جي سزا ٻڌائي ۽ ڪال ڪوٺڙي ۾ رکيو تہ ان وقت قيد تنهائي ۾ ڪانئس "مان" يعني انفرادي طور وجود رکڻ جو احساس ختم ٿي ويو هو. اها ڪيفيت تڏهن ئي پيدا ٿي سگهي ٿي، جڏهن فرد کي زندگي جي معنيٰ جي خبر پئجي وڃي. ان وقت جذبن ۽ احساسن جا ڏنڏلا عڪس ڇنا ٿي منطقي هاڪاريت جي شڪل ۾ سامهون اچن ٿا.

غزل جو ذڪر نہ ڪندس تہ جھڙوڪ شاعريءَ جو ذڪر نہ ٿيو. ان لاءِ تہ غزل مون گهڻو لکيو آهي ۽ سنڌي ٻولي ۾ لکيو آهي. ڪٿي بہ دانستہ زير اضافت استعمال نہ ڪئي اٿم. گڏوگڏ غزل ۾ عوامي ٻولي ڪتب آندي آهي، جيئن ترت سمجهي سگهڻ سان پڙهندڙ جمالياتي لطف ماڻي سگهي. ڪتاب "ورڪا نيڻ وسن" سمورو غزليہ شاعري جو مجموعو هو، ان مان بہ پڙهندڙ سولائيءَ سان اندازو لڳائي سگهي ٿو تہ غزل جي صنف مون کي وڌيڪ پسند آهي. اهو اندازو درست بہ

ڪي ڇهڻ لڳن ٿا. ٻڌندڙ ۽ ٻڌائيندڙ جا احساس جيڪڏهن ترتيب ۽ مطابقت ۾ اچي وڃن ته اها جماليات آهي. ان لاءِ ڪنهن به ڏن ٻڌڻ لاءِ ٻوليءَ جو سمجهه ۾ اچڻ يا فن جي مهارت هجڻ جو شرط بي معنيٰ ٿي وڃي ٿو.

انسان زندگي ۾ جاڳي به ٿو ۽ سمهي به ٿو. جتي جاڳ جا مزا ميسر آهن، اتي ننڊ ۽ خواب ۾ به پنهنجا مزا آهن. جزي طور فرد الڳ آهي پر گڏيل طور ڪُل انسانيت جي ٻُڻ جو تسلسل آهي، جنهن کي ننڊ ۾ به دريافت يا ڳولي (Explore) سگهجي ٿو. ڇٺي سگهون ٿا ته:

زندگيءَ جو ڪُل فسانو خواب ڪو
۽ زمانن کان زمانو خواب ڪو

ننڊ ۽ موت ۾ تفاوت فقط اهو آهي ته ننڊ جو تسلسل ٽٽي پوي ٿو ۽ ماڻهو جاڳي پوي ٿو، پر موت ۾ ننڊ جو تسلسل برقرار رهي ٿو. ان ڪري ئي اسان هڪ ئي وقت ٻنهي حالتن ۾ موجود آهيون. شاعري جي ذريعي انهن دقيق مسئلن کي وائيءَ جي صنف ۾ بحث هيٺ آندو اٿم.

وائي ۾ ٻولي ٺيٺ سنڌي استعمال ڪرڻ جو وجهه مليو آهي. وائي هوندن به ڪلاسيڪي شاعريءَ جي صنف آهي. جيڪا ڪافي جي صنف سان مشابهت رکندڙ آهي.

مهاڳ واقعي ڏکيو ٿي ويو آهي، ته به ڳالهيون ڪٿڻ جون نه آهن، باقي ٻئي گهمري! زندگي رهي ته سوچ سفر جي ڇوٽين پنجين وک تي به پاڻ گڏباسين.

منهنجي شاعريءَ کي جن محترم دوستن ۽ ساٿين پنهنجن راين کان نوازيو آهي، تن جو مان بيحد ٿورائتو آهيان، خاص طور ممتاز مهر جو، جنهن جي مفيد تجويزن ۽ رهنمائي سبب هن ڪتاب جي سونهن ۽ سوڀيا ۾ اضافو ٿيو آهي.

سات سلامت!

ڪراچي 16 مارچ 2008 ع

# نصير سومرو - شخص ۽ شاعر

## ممتاز مهر

نصير سومري سان منهنجي پهرين ملاقات غالبن 2001ع ۾ ڪراچيءَ جي هڪ ادبي تقريب ۾ ٿي هئي، جتي ڳالهه ٻولهه دوران خيالن ۾ گهڻي مطابقت نظر آئي. هُو ڪنهن به ادبي گڏجاڻي يا نجي گڏجاڻيءَ ۾ ڏکيا سوال پڇڻ يا ڪنهن غلط ڳالهه کي رد ڪري ڏيڻ کان ڪونه گهٻرائيندو آهي. سندس ڳالهه ڪرڻ يا دليل ڏيڻ جو انداز به ڏاهپ ڀريو ۽ غير جذباتي طرح جو هوندو آهي. نصير جيڪي ڪجهه پڙهيو آهي، ان کي چڱي طرح هضم به ڪيو آهي. سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي گهري مطالعي جو اثر سندس پنهنجي شعرائي ٻوليءَ تي به نظر ايندو. هُن جديد صنفن سميت شاعريءَ جي هر صنف تي ڪامياب طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس شاعريءَ ۾ هوندن به انساني مشاهدي جا گهڻا ئي رنگ ملندا، پر خاص طرح آفاقي ڊِيد (Cosmic V ision) وارو عنصر سرس نظر ايندو. سندس خيالن ۽ احساس جي اها گهڻ رُخي وسعت کيس پنهنجي ٻين همعصر شاعرن کان نمايان بڻائي ٿي. نصير سومري جي همه رنگ شاعريءَ ۾ ڪرب ۽ ياسيت کان وڌيڪ اعتبار ۽ اعتقاد (مادي توڙي روحاني زاوين کان) تي وڌيڪ زور ڏنل هوندو آهي. جاڪاڻ ته انساني رشتن ۾ اعتبار

ڪرڻ سان ئي ماڻهوءَ جو ڪردار مضبوط ٿئي ٿو ۽ اعتقاد جي وسيلي ئي انسان روحاني ۽ دلي تسڪين حاصل ڪري ٿو. اڄوڪي زماني ۾ رشتن ناتن ۾ ڪوڪلائپ ۽ ويڳاڻپ جو ڪارڻ به اعتبار ۽ اعتقاد جي ڪميءَ ڪري آهي. نصير سومرو ڪي جيئن ته خانداني لحاظ کان هڪ علمي ۽ صوفياڻو ماحول به ننڍپڻ کان مليو هو، تنهن ڪري سندس ذهني اوسر. توڙي شاعريءَ ۾ مابعد الطبعياتي رجحان ڪار فرما رهيو آهي. نصير جي شاعريءَ جي هڪ نمايان خوبي باريڪ نڪتن ۽ گهوڙهن خيالن کي خوبصورت ۽ لئه دار ٻولي ۾ اثرائتي نموني ۾ پيش ڪرڻ به آهي. سٺي شاعريءَ جو هڪ معيار ان کي پڙهڻ يا ٻُڌڻ کان پوءِ ان جي اثر پذيريءَ ڪري ان جو ياد رهڻ به آهي. نصير سومري اهڙا ڪيئي شعر رچيا آهن، جيڪي پنهنجي اثر پذيريءَ ڪري پڙهندڙن يا ٻڌندڙن کي ياد رهندا ۽ ذهنن ۽ دلين کي هميشه گرمائيندا رهندا. مثلن سندس هي چوُسٽو:

هر لقاء ۾ يار کي ڳولي لڌو
عشق ۾ اعتبار کي ڳولي لڌو
مان ڪنڌيءَ بيٺل بظاهر اڪ جيان
سچ پڇو! پاتار کي ڳولي لڌو.

نصير سومري جو هي ٽيون شعري مجموعو "جل تي ڪنول جيئن" آهي، جيڪو پڙهندڙن جي آڏو آهي. نصير ڪالم، خاڪا ۽ ادبي مضمون به لکيا آهن. خاص طور شاعريءَ جي فن ۽ ٻوليءَ جي واهپي تي سندس لکيل مضمون غور طلب آهن. عمرالدين "بيدار" جيڪو اسان ٻنهي جو ويجهو دوست ۽ ساٿي هوندو هو (جنهن جي دائمي وڇوڙي جو غم وساري ڪونه سگهيا آهيون) تي لکيل نصير سومري جو خاڪو سنڌي خاڪا نگاريءَ جي صنف ۾ يادگار رهندو.

نصير سومري پنهنجي زندگيءَ ۾ گهڻائي لاها چاڙها ڏٺا آهن. تڪليفون به سٺيون آهن. مهلڪ بيماريون به برداشت

ڪيون آهن، پر زندگيءَ مان مايوس ڪونهي ٿيو. هُو ثابت قدميءَ سان زندگي گذاري پيو. ڪنهن زماني ۾ ڪراچي اسٽيل مل ۾ انجنيئر هوندو هو، پر هاڻي صحافت جي پيشي سان واڳيل آهي ۽ ان پيشي ۾ به ڪامياب آهي. قلمي پورهيو ڪري پنهنجو ۽ گهر ڀاتين جو پيٽ پالي ٿو. خوش رهي ٿو ۽ باقي بچيل خوشيون دوستن سان ورهائي ٿو، سندس زندگي ذري گهٽ آدرشي آهي ۽ اهڙا آدرشي ماڻهو مونکي پيارا هوندا آهن. اهڙن ماڻهن سان اوس پيار ڪرڻ گهرجي، چاڪاڻ ته چڱن ۽ آدرشي ماڻهن جي کوٽ ڏينهون ڏينهن وڌندي پيئي وڃي. دل جي بائي پاس آپريشن ڪرائيندي به نصير گهٻرايل ڪونه هو. هاڻ به زندگيءَ جي چئلينجز کي منهن ڏيندو پيو اچي. اهڙي باهمت ماڻهوءَ کي سلام آهي..... سدا خوش هجين نصير.

ڪراچي، منڊ بهار 2008ع

# ڪنول جهڙو شاعر- نصير سومرو

## آفاق صديقي

دنيا جي لڳ ڀڳ سمورين ٻولين جي شاعري جمالياتي رنگ ۾ رڱيل هوندي آهي. اسانجي ماتر ٻومي سنڌ جي شاعري پڻ آڳاٽي زماني کان هيل تائين جمالياتي قدرن جي عڪاس رهندي آئي آهي جنهنجو سڀ کان سهڻو مثال شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو "رسالو" آهي جنهنجي انداز بيان ۽ پيغام جو اثر اسانکي شيخ اياز ۽ جديد دور جي ٻين سنڌي شاعرن ۾ نظر اچي ٿو.

نصير سومري جو شمار يقينن جديد شاعرن ۾ ٿئي ٿو. هن جي فڪر ۽ فن تي جديديت سان گڏوگڏ ڪلاسيڪيت به حاوي آهي جنهنڪري سندس شاعريءَ ۾ پنهنجي تهذيبي ۽ ثقافتي قدرن جي ترجماني واضح آهي.

نصير سومري جو تعلق هڪ علمي ادبي گهرائي سان آهي تنهنڪري کيس شعر ۽ ادب جو ذوق ورثي ۾ مليل آهي. عادتن ۽ خصلتن جي لحاظ کان هُو ڏاڍو پيارو ۽ من موهيندڙ شخص آهي، محبت ۽ خلوص وارو ۽ نفيس طبيعت رکندڙ.

نصير سومري جو مامون ڊاڪٽر فضل رحيم سومرو مرحوم عربي ٻوليءَ تي گهڻو عبور رکندا هئا. جنهن هڪ وڏو ڪارنامو هيءُ انجام ڏنو ته ڀٽائيءَ جي ڪلام کي خوبصورتيءَ

سان عربيءَ ۾ ترجمو ڪري. ان کي انهن ڪروڙين پڙهندڙن تائين پهچايو. جيڪي عربي ٻولي سمجهندا ۽ ڳالهائيندا آهن. نصير سومري پڪ سان پنهنجي والد محترم الله بخش ۽ ڊاڪٽر صاحب موصوف جي عالماڻي حيثيت جو گهرو اثر ورتو هوندو. خود نصير صاحب جي علمي فضيلت هيءَ آهي ته هن سنڌي لئنگوئيج اٿارٽيءَ جي اهتمام هيٺ اڪادمي ادبيات پاڪستان ڪراچي شاخ جي ريزيڊنٽ ڊائريڪٽر آغا نورمحمد پٺاڻ جي نگرانيءَ هيٺ سنڌي ٻولي ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ لاءِ پاڻ ڇهماهي سکيا جو سلسلو شروع ڪيو هو. جنهن مان گهڻن ئي فيض حاصل ڪيو. خاص شخصيتن ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي اردو ڊپارٽمينٽ جي پروفيسر ڊاڪٽر طاهره نگهت نير پڻ آهي، جيڪا ڏهن سالن تائين نيپال جي يونيورسٽين ۾ اردو ٻولي ۽ ادب جي ٽيچر هئي.

نصير سومرو ٻن ٻولين جو شاعر آهي، يعني پنهنجي مادري زبان سنڌيءَ ۾ جنهن سليقي سان شاعري ڪندو آهي، ساڳيو رنگ سندس اردو شاعريءَ ۾ به برقرار آهي. ان لحاظ کان هو اسانجي قائم ڪيل "اردو سنڌي فائونڊيشن" جو خاص ميمبر آهي.

جيسين تائين شعر ۽ شاعريءَ جو تعلق آهي ته پوءِ سڀ کان پهرين ڳالهه هيءَ آهي ته سندس شعرن جي مجموعي جو نالو "جل تي ڪنول جيئن" يعني "ڍنڍ جي پاڻيءَ تي ڪنول وانگر" صوتي آهنگ ۽ معنوي لحاظ کان تمام خوبصورت آهي. ٻيءَ ڳالهه هيءَ ته ان شعري مجموعي ۾ غزلن جو حصو ڪيترو متنوع ۽ ڪيتري قدر دلنشين آهي. ان بابت مان صرف اهو چوندس ته شاعر پنهنجي ڪومل جذبي ۽ احساس کي پُراثر شعرن جي قالب ۾ آندو آهي ۽ زبان ۽ بيان جي سانچن ۾ جديد حسيت ۽ حسن ۽ محبت جي عصري تقاضن جو خيال

رکندي ذاتي غم ۽ دنيا جي غم جون ڳالهيون ڪيون آهن.
وڏيڪ فيصلو پڙهندڙن تي ڇڏيان ٿو ته اهي مجموعي ۾ شامل
غزلن مان ڪهڙو اثر قبول ڪن ٿا.
مثال طور ڏيان چڪاڻ لاءِ هيٺ ڏنل ڪجهه سنڌي شعر:

گهڙي ترسو جلدي نه فتوىٰ ڏجو ڪا
اجان ڪوڙ آهن لڪل ڪوجناڙون

.................

ڪٿي آهين پنهنجي مجڻ جي خبر ڪر
خيالن ۾ اوچي اڏڻ جي خبر ڪر

.................

سچ سدائين سوجهرو سچ جو ڪٿي
ڪوڙ اوندهه جو ڀانو خواب ڪو

ن.س

نصير سومري جي ان شعري مجموعي ۾ شامل
موضوعاتي قطعا يعني "چوستا" خوبصورت تخليقي نقش آهن.
هن جپاني شاعريءَ جي صنف هائيڪ يا هائيڪو ۾ به طبع
آزمائي ڪئي آهي ۽ ساڻ نه رڳو سنڌيءَ ۾ بلڪ اردوءَ کي
اظهار جو ذريعو بڻائيندي به تخليق جي جوت جڳائي آهي. مثال
طور هڪ هائيڪو هن ريت آهي:

گذري ڪتني سال
دهرنه دي ڪر بيٺها هون
پوچهي ڪوئي حال

ن.س

اردو غزل سان به نصير سومري کي گهڻي دلچسپي آهي.
پر اجا ڪجهه ئي غزل ڇپيا اٿس، جن مان هڪ غزل جا ٻه شعر
هي آهن:

شب وهي تاريک هي ظلمات کي
روشني کو کيا هوا ويسي نهين

..................

جي رها هون کم نهين يہ حوصلہ
زندگي کو کيا هوا ويسي نهين

ن.س

موجوده دور ۾ شاعريءَ جو ميدان سر ڪرڻ آسان ڪم ڪونهي. پياري نصير سومري لاءِ ضروري آهي تہ مشق سخن جاري رکي. اردو ۾ اجان تہ هُن ابتدائي نقش ڏيکاريا آهن، خدا ڪري بعد جا نقش وڌيڪ پُروقار ۽ پُربهار ٿين. بهرحال سنڌي شاعرن جي سٽ ۾ هن گهڻي مچتا مڃائي آهي، اهو پڻ هڪ حساس ۽ قابل شاعر لاءِ اتساهيندڙ عمل ۽ قابليت جو دليل آهي.

# ٽيڻ سنڌي لفظن ۽ محاورن
# سان سينگاريل وايون

## تاجل بيوس

ماضي بعيد ۾ ادب(Literature) جو ادب لاءِ يا ونندر (Entertainment) لاءِ هئڻ چيو ويندو هو. جڏهن سامراجي قوتن جو بيٺڪي راڄ جُهڙ لڳو، ۽ غلاميءَ جا زنجير تنڻ لڳا، تہ ادب جي وصف بہ تبديل ٿيڻ لڳي. اينئن ادب جي مختصر وصف ٿي: "ادب جو زندگيءَ لاءِ هئڻ" اڳتي هلي، ادب جي وصف جيئن ٿيڻ ڪيندي هئي، تيئن ئي ٿيڻ لڳي، جا آهي: "ادب جو سماجي، معاشي، فني، فلاحي، سياسي ۽ معروضي تبديلين يا انقلاب لاءِ هئڻ"

هاڻي تہ شاعرن کي هن قسم جي مڃتا بہ ملڻ لڳي آهي:

"The poets are the harbingers of the Scientists"

(شاعر سائنسدانن جا رهبر آهن)

اهڙي مڃتا شاعرن کي اڳ ملڻ ڪيندي هئي. جيئن چاڪاڻ تہ عبدالرحيم گرهوڙي هن طرح چئي ويو آهي:

"چرخ اڏائيندو آسمان ۾ مڪڙ جي مثلا"

مٿين رهنمائي هوائي جهاز جي ايجاد ۽ خلا (Space) بابت آهي. ڏسبو تہ هوائي جهاز جو رُوپ بلڪل اَڪ مڪڙي جهڙو آهي. شاهہ لطيف چيو آهي:

جيونْ جَرَ اجهاڳُ، جيوَن جَرَ اجهاڳُ

.....................

هڪڙو باب ڪتاب جو، ماٺهو محض مهاڳُ
جيوَن جر اجهاڳُ

.....................

اچا، ڳاڙها، هيدا هارَ، مالها منيادارَ

.....................

پيارا، پيارا پاڻَ ڪي، وٺندڙ ويجها ٻارَ
دانهين درياهہ پيٽ ۾، سوڪهڙي جي سارَ
سُرها سَيئن وارَ

جماليات (Aesthetics) جو بڻ بنياد جمال لفظ آهي، جنهن جي معنى سُونهن يا خوبصورتي آهي. جمال مان جميل ٺهيو آهي، جنهن جي معنى سُهڻو يا خوبصورت آهي. اِن حوالي سان، جماليات جي قدرن واري شاعري پڙهڻ سان موضوع سان واسطو رکندڙ رُوپ ۽ تصويرون يا رنگين خاڪا ٺهندي، محسوس ٿيندا آهن، جن جا رنگ، رُوپ، عڪس ۽ اولڙا جادوءَ واري ڪيفيت پيدا ڪندا آهن. اهڙا مثال مٿي ڏنا ويا آهن.

(4) عشقيہ يا مجازي قدرن واري شاعري

هن قسم جي شاعري نہ صرف شاعر جي مفادن جي نمائندگي ڪري ٿي، پر سماج جو ڪوبہ رُڪن يا فرد اهڙي شاعريءَ وسيلي عشق ۽ حسن جو ڪاروبار هلائي سگهي ٿو. اِها شاعري اجتماعي قدرن بدران، داخليت پسندي يا انفرادي قدرن واري شاعري ڪوٺي وڃي ٿي. "Individualism" واري دائري ۾ اچي ٿي. مثال:

چنڊ! ڪرڪا خبر، ڇا ڏٺئي، ڇا ٻڌئي؟
رات جي رَجَ اندر

.....................

چوءِ پيا ڪي وچي، ننڊ ٽولي ۽ ڦٽي
هڪ گهٽي، ٻي گهٽي، دربدر، دربدر
رات جي رڃ اندر

.....................

لُڙڪن لاڙون لاڙ، پلپل پور پچار
لُڙڪن لاڙون لاڙ

.....................

پيتا جون سڀ صورتون، ڏَڙَ سيئن ڪان ڌار
لُڙڪن لاڙون لاڙ

ڪراچي

# ڪڻ ۾ گهڻ: نصير سومرو

**ڊاڪٽر عاشق حسين**

ساموندي ساحل تي ٻارڙو آلي واريءَ وچان گهرڙو جوڙي راس ڪندو آهي ته، ڪنڌيءَ تي ڪهي وهي ايندڙ موجائي موج اُنکي ڊاهي ڇڏيندي آهي......

پر نصير سومري (سوم = چنڊ) پنهنجي چانڊوڻي چِٽ ڪان ڪم وٺي، ڪنهن ڏوڙ ڏئي ڏَنوان مثل، ڪپر ڪنڌيءَ جي مٽين ٽٽين واري چنڊي ڇاڻي، وارياسي سون (*Alluvial gold*) جا چاڻيل (*Gleaned*) جهرمر جرڪندڙ سون ذرا پنهنجي ڳوتيل ڳُتيل ڳٽڪي "جل تي ڪنول جيئن" ۾ پيش ڪيا آهن:

چوڏهينءَ جو چنڊ
اڄ اپريو ناهي آن سان
سوچي وِيئو سَمنڊ

ن.س

ٻالڪ اوستا به عمر جو عجيب دور آهي، ان دور جي ڏسڻ جو انداز به سڌو ساڌو ۽ سچو هوندو آهي. هاڻ ته ڏسڻ (*Seeing*) نه پر رڳو نِهارڻ (*Looking*) آهي.

ننڍي هوندي، ٻلورن راند ڪندي جڏهن اسان ٻلور جي رنگن کي ڏسندا هئاسين ته خود ڇڏي اندر گِهڙي ويندا هئاسين ۽ اهو رنگ اسانکي وڪوڙي ويندو هو. چوڌس چوڌار نيرو، هيڊو، سائو يا ڳاڙهو رنگ ڇانئجي ويندو هو. چوڻ جو مطلب

رنگ بدران، هن جي منهن تي هيڊ هاريل هئي. هن کي ڏسي مونکي ڪنفيوشس جي ڪتاب يي جنگ (متاسنا جو ڪتاب) جي 36 شڪل "ڦتيل سوجهرو" ياد آئي:

ڌرتيءَ اندر ڏوڪيل
اُجهاميل اجهاميل

سوجهرو
ڦِڪي ڦَتيل چاندوڪي
پکيئڙو
کنيڙاٽي هيٺ ڪيو
هوريان هوريان
اونداهيءَ ۾
اُڏري رهيو آهي!

پوءِ خبر پئي ته، سندس ٻه پيرا اوپن هارٽ سرجري (شرح صدر) ٿي چڪي آهي. پر حوصلو ۽ اميد هن جي رَٿَ جا ٻه گهوڙا آهن. هو هر آپدا مان اُٿڻ، اُيرڻ ۽ نئين سر ڏوڪي ڪامي وڏڻ جي اڻ کُٽ سگهه رکي ٿو.

چاٽي ڪُلڻ ۽ اڪيلائي دوران ڪيس زندگيءَ بابت سوچ ويچار جو وڏو موقعو مليو. هن پنهنجي سوچ جا سڳا سنوارڻ شروع ڪيا. هر شيءِ کي اُٿلائي پٿلائي ڏٺو. پوءِ سُٺ ڪي سُٺي نئون نصير ڏوڙ ڏيو ڏنوان ۽ ٻُڏيوان شاعر بڻيو.

هن سچائيءَ جي انت لهڻ لاءِ فلسفي، مذهب ۽ جديد تجرباتي سائنس وغيره جو مطالعو ڪيو:

هر لقاء ۾ يار کي ڳولي لڌو!
عشق ۾ اعتبار کي ڳولي لڌو!
مان ڪنڊيءَ ٻيٺل بظاهر اڳ جيان
سچ پڇو، پاتار کي ڳولي لڌو!
ن.س

پاڪ ـــ جاپان ڪلچرل ايسوسيئيشن جي 25 هائيڪو مشاعري ۾ نصير ۽ آئون رڳا ٻه سنڌي هائيڪو شاعر هئاسين. نصير سيائپ ڪري سنڌي ۽ اردو ٻئي هائيڪا پيش ڪيا. کيس ڏاڍو داد مليو. خاص مهمان فاطمه ثريا بجيا هن هائيڪو جو خاص طور داد ڏنو:

تنها ميلي ۾
شام جو اڪثر ايندو آن
ياد اڪيلي ۾

اسانجي مشاعري ۾ پڙهڻ ۽ ٻن ٽن شاعرن کانپوءِ بجلي بند ٿي وئي. محفل درهم برهم ٿي وئي.

پوءِ اسان ـــ نصير، آغا نورمحمد (دائريڪٽر اڪيڊمي آف ليٽرس، سنڌ) ۽ آئون، بجليءَ جي انتظار ۾، تارن ڀري آسمان هيٺان ڏاڪڻ جي مٿان پليٽ فارمڙي تي، عشق پيچان جي وڪوڙيل ول پرسان ڪچهرو ڪري رهيا هئاسين ته پنجاب جو هڪ باذوق ماڻهو آيو ۽ مونکي چيائين ته کيس منهنجو ٻنسريءَ وارو هائيڪو ڏاڍو وڻيو آهي، اهو ٻڌايو ۽ اردو ۾ مطلب سمجهايو:

سنجهي جي لالاڻ
ڏور ٻنسريءَ جي ڪُوڪَ
اکين ۾ آلاڻ

ع- ح

تازو نصير مونسان پنهنجا فڪري نتيجا ونڊڻ ٿي چاهيا. اسان ٻئي هڪ ٽل ۽ ٻاهران وڻ وڍيل ايراني ڪيفي ۾ هڪ آسائتي ڪنڊ ۾ ويهي، نصير اچي ۽ مان ڪاري ڪوڙي چانهن جون سرڪون ڀريندي، ٻه ٽي ڪلاڪ ذات ۽ ڪائنات، وحدت ڪثرت، آد ۽ انت، اِڪي ٻِڪي، انگن اکرن، ڏينهن رات، دائري ۽ مرڪز تي سوچڻ ۽ راين جي ڏي وٺ

ڪندا رهياسين. مون ڏٺو ته نصير ٻرڻ ۽ ڀڪڻ لڳو.
جهڙوڪ سنڌس بيٽري چارج ٿي وئي هجي.

نصير ٽريننگ جي لحاظ سان ڌاتو ڳارڻ (Metallurgy) جو انجنيئر آهي. پر هن انجنيئري ڇڏي انجير اپنايو آهي. پرنس سدارٿ به حمل (Aries) هو. هن ٻڌي وڻ يعني انجير جي وڻ هيٺان گيان حاصل ڪيو. انڪري نصير جي شاعري به لوهه ۽ باهه جي ڪوري مان نڪتل ۽ ٻڌي وڻ جيان ٻڌوان آهي. "جل تي ڪنول جيئن" ۾ ڪيئي شعر عارفانا آهن. خود ڪنول به گوتم ٻڌ جي اٺانگ (اٺ+انگ) مارگ جي علامت آهي، جنهن جون پاڙون ته گدلي پاڻيءَ ۾ آهن پر پاڻ اڇو اجرو ۽ نج نرمل هوندو آهي:

مسيحا تو رهي دل ۾،
ڪلسيا تي ويو آهيان.

ن. س

صوفيت ۾ اهو عيسوي مقام آهي. عيسىٰ عہ جو تعلق تنزيهه (Transcend sence) سان آهي، جيڪا نه رڳو روح پر الله تعاليٰ جي نجي نرمل. ذات جي پاڪائي ۽ صفائي آهي. دل يا قلب وجود جو وچ (Core) آهي.

اهو ته مڃڻو پوندو ته نصير واقعي شاعر آهي. هن جي شاعري نِلهي لفظي گهڙاوت يا هنر (Craft)نہ پر آئيڊياز جي فني شاعري (Art) آهي. هو رڳو هڪ صنف سان مخصوص نه پر لڳ ڀڳ سمورين شاعرانين صنفن وائي، نظم، غزل، چوسٽا ۽ هائيڪو وغيره ۾ پاڻ ملهايو آهي. جنهن مان هن جي مهارت ۽ تنوع جو ثبوت ملي ٿو. ان ڪانسواءِ هو عربي عروض توڙي سنڌي ڇند وديا جو ماهر آهي. ارڪان ۽ ماترائن ۾ به هن پنهنجي انجنيئري صلاحيت جو مظاهرو ڪيو آهي. شاعرانئي وزن ۽ ماپ بابت هو ٻين شاعرن کي وزنائتا ليڪچر ڏيندو آهي.

نصير جي شاعري بشڪل (بالڪل بيشڪ)

اصلوڪي ۽ انفرادي، اسٽين ليس اسٽيل جيان، بيداغ، نهري ۽ گهاٽيل آهي. اها بنيادي طور فڪري شاعري آهي. سندس فڪر به اوريجنل آهي، ڪنهن ٻئي جو نقل ڪرڻ هن جي غيرت جي خلاف آهي.

منجهس تخيل ۽ تخليق جي صلاحيت اتم طور موجود آهي. هو پنهنجي اندر جي آڳ ٻاهر آڻي ٻين سان پنهنجا خواب ۽ خيال ونڊڻ چاهي ٿو. هو ڪنهن سورهيه سرويچ (Knight) مثل هيڻن جو حمائتي آهي، جيڪو ٻين کي اتم واٽ ڏيکارڻ چاهي ٿو.

خمُلو ماڻهن جو وڏو مسئلو انانيت هوندو آهي، مون سندس شخصيت توڙي ۽ شعريت ۾ ڏسڻ تي چاهيو ته هن پنهنجي "انا" سان ڪيئن ڪمپرومائيز ڪيو آهي:

آئيني ۾ ڏس!
ڪنول وانگي ڪيچڙ ۾
پاڙ به پنهنجي پس!

.........

هر هنڌ هُو موجود نصير
مان، مان من جي مارڻ ڏي

.........

سچ تيڻ تي گهُريو پر نصير
ڪڙ ڪٻيا چڱا آهيون

ن.س

اسانجي خيال ۾ نصير جو نچوڙ سندس نالي جي مهندار اکر نُون (ن) ۾ آهي. نون مس ڪُپڙي آهي، جنهن مان اتم قلم (The Supreme Pen) پنهنجي نوڪ ٻوڙي لوح محفوظ (The Preserves Tablet) تي لکيو آهي. ڪاري مَسُ نُقطي جي سچائي وارن امڪانن (Possiblities) جو سمنڊ آهي، جنهن ۾ ڳُتيل جاڻ جون مڇيون تري رهيون آهن:

سمنڊ تُنهنجي سگهه

يعني وڏو جهان (Macrocosm) ننڍي جهان (Microcosom)
يا وڻ ٻج جي ڏاٽي ۾ سهيڙيل سمايل آهي.
2500 سال اڳ، يوناني سائنسدان دمقراط (Democritus)
ٻڌايو ته ننڍي ۾ ننڍو ذرڙو يعني پرماڻو (پرم + اڻو /atom) اڻ ٽٽ آهي، پر ان کان اڳ فنيقي (Phoenian) مفڪر موسخ (Moschus) چئي ويو هو ته، نه اهو به ٽٽڻ جوڳو آهي!
2500 سال اڳ، هند ۽ سنڌ جي سائنسدان الُڪَ (Uluka)
به اهو ئي چيو ته، سموريون شيون مادي جي ٻِجن جون جُڙيل آهن. انکري سندس نالوئي ڪَڻڏ (Kanada) پئجي ويو هو.
مجيوسين نصير جي شاعري اوريجنل ۽ انفرادي آهي، منجهس رچنا جي رس جي اٿاٿ به نه آهي، پر اهو پنڌ پري آهي، جتي ڪائيون پيون ٻرن. اسانکي اميد نه، پوري پڪ آهي ته، هُو پنهنجو اپياس ۽ آزمودو وڌائي ويڪرو ڪري سنڌيءَ جو هڪ اتم انوکو ۽ ڪڻڏ شاعر بڻجي سگهي ٿو:

ننڍي ۾ ننڍي ماترا ۾ اڻو!
اڻو ۾ سگهارو گهڻي کان گهڻو!
وڏي ناٿو محبت جي آڌار تي،
ڪرڻ جو بنياد هڪڙو ڪڻو!

ن.س

ڪراچي، سنڌ آرهڙ 2007ع

# سياڻو ۽ سلجهيل شاعر نصير سومرو

**اسحاق انصاري**

ڪراچي اچڻ کان اڳ نصير سومري جي شاعري ضرور پڙهي هئي، پر سائس ملاقات نه ٿي هئي. جڏهن ڪراچيءَ جي ادبي حلقن ۾ اچ وڃ شروع ٿي ته پوءِ نصير سان ملاقات ٿي. مون کي شروع کان وٺي نصير هڪ پياري شخصيت لڳندو آهي. سندس ڳالهائڻ ٻولهائڻ، اٿڻ ويهڻ جا طور طريقا هڪ بااخلاق مائهوءَ وارا آهن. ان کانپوءِ سائنس ڪتابن جي ڏي وٺ به شروع ٿي. جنهن ڳالهه مون کي حيران ڪيو ته اسان جي گهڻائي ليکڪن جيان سندس مطالعو شاعري يا فڪشن تائين محدود نه هو، پر هن جي مطالعي هيٺ فلسفو، مذهب ۽ سائنس به رهي آهي، جنهن ڪري سندس نثر، خاص ڪري مضمونن ۾ ان مطالعي جي جهلڪ نظر اچي ٿي. سڀ کان وڏي ڳالهه ته هن جي ٿيالوجي جي اسٽڊي به چڱي خاصي آهي. هو پنهنجي صحت جي ڪري مستقل جاب ته نه ٿو ڪري سگهي، پر وري به جيئڻ جي لاءِ ڪوشش ڪندو رهي ٿو ۽ ان ۾ به پنهنجي خوديءَ کي ختم نه ٿو ڪري، نه ته اسان جا ڪجهه ليکڪ دوست ته ڪنهن نه ڪنهن بهاني سان ٻين کان پيسا اُڳاڙيندا رهن ٿا ۽ وڏي ڳالهه ته ان عمل جي ڪري هنن جي ذات جي بجاءِ پوري ليکڪ برادري بدنام ٿئي ٿي.

شاعر جو پنهنجو هڪ جهان ٿئي ٿو. هن جي زمان ۽ مڪان جون پنهنجون وصفون ٿين ٿيون، جنهن کي پروڙڻ لاءِ به هڪ شاعرائي حس کپي ٿي. هن وٽ ڪڏهن گل، ڪنهن

حسينا جو چهرو تي ايري ٿو ته ڪڏهن چنڊ کي ڏاٽي، يا وري ڪنهن بڪئي جي نظر سان ڏسندي مانئي نظر اچي ٿي. شيخ اياز جي بقول ته:

هي جِي مڪ منول، ثريا ٿانگر وانگيان،
سارا ڦڪِڻ ڦول، مٿ نه تنهنجي مرڪ جي.

.....................

سڄو ڏيهه ڏاٽا ايا جي ڪري،
سوين عيد جا چنڊ ايري پون.

يا وري شاعر جو من ڪنهن اونهاري جي ٿاڪ منجهند جو انب جي وڻ تي ويٺل ڪوئل جي آواز جيان اڪيلو ۽ اداس ٿي وڃي ٿو ته، پوءِ ڪيس سڄي دنيا اداس ٿي لڳي، جيئن ناصر ڪاظمي چيو آهي ته:

دل تو ميرا اداس هي ناصر،
پر شهر ڪيون سائين سائين ڪرتا هي

بهرحال، اسان واري دوست نصير سومري جي شاعريءَ ۾ به اهي خوبيون ملن ٿيون ۽ هو به شاعر جي ان وجدانه ۽ قلندرانه ڪيفيتن کي پنهنجين تخليقن ۾ آڻي ٿو. سندس شاعري جي حوالي سان هڪ اهم ڳالهه آهي ته ان ۾ موسيقيت ته شروع کان وٺي آهي، پر سندس تازي شاعري پڙهڻ سان مون کي ان ۾ گهرائي وڌيڪ نظر آئي. مون وٽ سندس جيڪا نڪور شاعري ملي، ان ۾ نصير جي شخصيت جا مختلف پهلو ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي، ڇو جو منهنجو ايمان آهي ته، هر تخليق ۾ تخليقڪار جي ڪانه ڪا وصف موجود هوندي آهي، تنهن ڪري ته الله لوڪ ماڻهو، پنهنجي محبوب ۾ خدا جو جلوو پسن ٿا. مون اڳ ۾ به ذڪر ڪيو ته هو سائنس جو شاگرد به آهي، ان حوالي سان منهنجيون سائنس چڱيون خاصيون ڪچهريون ٿيون آهن. سائنس جي وڌندڙ رفتار ان جو منطق ڪيس هميشه متاثر ڪندو رهيو آهي، تڏهن ته هو سائنس جي نت نين کوجنائن ۽ ان جي وڌندڙ رفتار

تي گهوڙهي نظر رکي ٿو. تڏهن ته ڪوهه جي ڏيڻن لاءِ امالڪ چئي ٿو ته:

گهڙي ترسو جلدي نه فتوي ڏجو ڪا،
اڃان ڪوڙ آهن لڪل ڪوجنائون

ن. س

اسان جي صوفي شاعرن پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ تي زور ڏنو آهي. جنهن ۾ ته پوءِ، ڪڏهن ڪڏهن ائين به چئي ڇڏيئون ته، "پنهون پنهون ٿي ڪيم، پنهون هيس پاڻ" مون پنهنجي شروعاتي پيراگراف ۾ اهو لکيو ته سندس خيالن ۾ صوفياڻا اظهار به ملن ٿا. جيئن سندس هن شعر ۾ آهي ته:

من سڃاڻي سگهون پاڻ کي،
گس لتاڙي ٿڪا آهيون.

صوفين جو اهو چوڻ ته:

آءُ سين ان پار، ڪڏهن تار ڪونه پيو. (شاهه)

تنهن ڪري مون عرض ڪيو ته سندس رويا به صوفياڻا آهن ۽ انهن جو برملا اظهار به سندس شاعريءَ ۾ ملي ٿو.

هر هنڌ هُو موجود نصيب،
مان، مان من جي مارڻ ڏي

...............

عشق ڏاهي، عشق داهي،
ڪام، جو ڪردار ماڙهو.

ن.س

بهرحال، مون کي سندس "جل تي ڪنول جيئن" ڪتاب ۾ هن جي فني ارتقا سان گڏ خيالن ۽ سوچن جي ارتقا نظر اچي ٿي، جيڪا هن جي زندهه هجڻ جو مثال آهي. مون کي يقين آهي ته، هو هميشه تبديليءَ جي خواهش رکندي، پاڻ کي زندهه ۽ جوان رکندو.

ڪراچي.

# محبت ۽ خير جو داعي نصير سومرو

## نويد سنڌيلو

جڏهن مون نصير سومري جي شاعري پڙهي ته اندر ۾ خوشيءَ جي لهر اڀري آئي ۽ مون پاڻ کي جماليات جي سمنڊ ۾ ترندي محسوس ڪيو. جنهن جو تذڪرو مون نصير سان به ڪيو هو ته تون هن دور جو ٻنهي ٽالو ۽ اتساهه ڏيندڙ شاعر آهين. هو نه رڳو سٺو ۽ سُريلو شاعر آهي پر سندس نثر ۾ مزاح ۽ پختگي آهي. جيڪا پڙهندي دل سوچڻ تي مجبور ٿيندي آهي. هن جي لکڻين مان جمالياتي حظ ملي ٿو پر نئين فڪر جون جهلڪيون، مزاح ۽ گهرائي پڻ بکندي نظر اچي ٿي، اهو ان ڪري به آهي جو نصير سومرو مسلسل ڀوڳيندو رهيو آهي. ڀوءِ اها ڀوڳنا سندس داخلي هجي يا معروضي، بهرحال هو ان کي پنهنجي دل مٿان گذرندڙ وارتا سمجهي ٿو ۽ ان لاءِ هو بي خوف ٿي اظهاري ٿو. سندس تخليق جو دائرو وسيع ۽ رنگين آهي، جنهن ۾ ذات ڪنول جي گل وانگي سونهن جو پيغام پهچائيندي سماج تي ٽٽولي ڪري ٿي. محبت، سماجي اڻ برابريءَ جي خوف ۾ ويڙهيل ويچارو انسان، رشتا ناتا، زندگي ۽ موت نصير جي شاعريءَ جا خاص موضوع آهن، جن کي هو اظهاريندو رهي ٿو ۽ مايوسيءَ بدران اميد ڏيکاري ٿو. ترقي پسند ۽ نئين سوچ رکندڙ هيءُ سُريلو سرجڻهار پنهنجو شخصي پيغام هن ريت پهچائي ٿو ته:

سڏ پڙاڏو آهيان پاڻ، خدا ۽ لاحد هيڪڙي.

................

اوجهل ڇو انسان ڪان، پاڇولا پولار ۾

..................

دل ۾ ڏک دليل جا، اڳتي ڇا امڪان ڪان
پاڇولا پولار ۾

..................

آڏي پٽ پوانتي، ڌرتيءَ جي دهمان ڪان
پاڇولا پولار ۾

هڪ ڳالهه مان هتي چوندس ته نصير هڪ فلسفي شاعر آهي ۽ هن جي سوچ جو محور مشاهدن ۽ تجربن تي ٻڌل آهي، ان ڪري هو جاچي جوچي، صحيح تصديق ڪري پوءِ ان جو اظهار ڪري ٿو ته جيئن پڙهندڙ اوجهڙ ۽ غفلت جي اوندهه مان نڪري صحيح دڳ تي اچي، ان جو مثال هڪ وائيءَ جي هنن سٽن مان ملندو ته:

آدم مان انسانُ، ميان! آزادي ايمانُ

..................

آپي جو ايمانُ مَري، ڏوڙ ڏيو ڏنوانُ
آدم مان انسانُ

ٻي وائي ۾ آهي ته:

جيون جَرُ اجهاڳُ، جيون جَرُ اجهاڳُ

..................

هڪڙو باب ڪتاب جو مانُهو محض مهاڳُ

..................


ڪوڙ سريلن راڳين جو انت ڪري ڪنڌاڳُ.


..................

پون جي وحشتون جاڳي، تکو طوفانُ مان آهيان

..................

جڳ جڳاندر ضد جو، پرتو شر ۽ خير،



"جل تي ڪنول جيئن" ۾ نصير سومري اهڙا ڪيئي شعر رچيا آهن، جيڪي پنهنجي اثر پذيريءَ ڪري پڙهندڙن يا ٻڌندڙن کي ياد رهندا ۽ ذهنن ۽ دلين کي هميشہ گرمائيندا رهندا.

• ممتاز مهر

مٿي ڏنل شاعريءَ ۾ جو طبقو ڏاڍائي ڪري، انسانن جا حق ڇني هضم ٿو ڪري، يا استحصال (Exploitation) ذريعي جيئڻ جا وسيلا ڦڙڪائي وڃي ٿو، نصير سومري اهڙي طبقي کي وائکو ڪيو آهي.


• تاجل بيوس

نصير سومرو ٻن ٻولين جو شاعر آهي، يعني پنهنجي مادري زبان سنڌيءَ ۾ جنهن سليقي سان شاعري ڪندو آهي، ساڳيو رنگ سندس اردو شاعريءَ ۾ بہ برقرار آهي.

• آفاق صديقي

مون کي سندس "جل تي ڪنول جيئن" ڪتاب ۾ هن جي فني ارتقا سان گڏ خيالن ۽ سوچن جي ارتقا نظر اچي ٿي، جيڪا هن جي زندهہ هجڻ جو مثال آهي.

• اسحاق انصاري




نصير جي شاعري اصلوڪي ۽ انفرادي، اسٽين ليس اسٽيل جيان، بيداغ، نهري ۽ ڳهاٽيل آهي. اها بنيادي طور فڪري شاعري آهي. سندس فڪر بہ اوريجنل آهي،

• ڊاڪٽر عاشق حسين

نصير هڪ فلسفي شاعر آهي ۽ هن جي سوچ جو محور مشاهدن ۽ تجربن تي ٻڌل آهي،

• نويد سنديلو

# پَڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ

ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، پاڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بـہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري تـو تـہ پَـڪَ ڄاڻو تـہ اُهو ڪُـوڙو آهـي. نـہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪـڏهن ڪـو اهـڙي ڪوشش ڪري تو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بـہ ٿـي سگهن ٿـا. ٻيـن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نـہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تـہ پَـنَ جا سڀ ڪَـم ڪـار سَـهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پـر ممڪـن آهـي تـہ ڪـي ڪـم اُجرتي بنيـادن تـي بـہ ٿِيـن. اهـڙي حـالت ۾ پَـنَ پـاڻ هِڪَـٻِئي جي مـدد ڪَـرڻ جــي اُصــولَ هيــٺ ڏي وَٺُ ڪنــدا ۽ غيرتجــارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَـن پـاران ڪتـابن کـي ڊِجيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بـہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پـو ٻيـو اهـم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مـان جيڪـڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڪائڻ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)